# ٽڙٽڙ تي طوفان

شاعري

عزيز ڪنگراڻي

# ٽڙ ٽڙ ٽي طوفان

شاعري

عزيز ڪنگراڻي

نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

BOOK NO: 40

# ترڙ ترڙ تي طوفان

شاعري

عزيز ڪنگراڻي

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2005
ڳاڻيٽو: هڪ هزار
نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي
پي او باڪس نمبر: 22 ڪراچي

مُلهه:=/70

# TAR TAR TAY TOOFAN

POETRY BY: AZIZ KINGRANI
DECEMBER 2005
QUANTITY: 1000 COPIES
PUBLISHED BY:
NAON NIAPO ACADEMY, karachi
p.o box no: 22 karachi
RS: 70/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

انهن سيني سپوتن جي نالي،
جن پنهنجي زندگي،
سنڌ کي ارپي ڇڏي.

۽

پريمڪا جي نالي
جنهن جي پريتڙي منهنجي ذات،
جا ڏينا ٻاريا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي 5
مهاڳ:( عزيز: هڪ سُرتيو سرجٽهار) علي دوست عاجز6
ڪجهه آس ڪجهه نراس: عزيز ڪنگراڻي 13

## شاعريءَ جي ترتيب

سُر سرجٽهار 16
سُر سنڌ 34
سُر سنڌ جو ڪيڏارو 38
سُر ڪاهوڙي 50
سُر بختاور 52
سُر روپلو 61
سُر شهيد نذير (عباسي) 65
بيت 68
وايون 75
ڪاچو 88
ٽڙ 100
متفرق بيت 104

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر جو نوٽ

ڪتابن جي بہ هڪ الڳ دنيا ٿئي، اها خبر تہ آهي ئي ڏئي سگهن ٿا جن ڪڏهن ڪتابن ڪي پيار مان، رڳو ڏٺو ئي هوندو...
مان ائين چولدس، تہ مونکي سمورن ڪمن مان ڪتابن جو پورهيو ڪرڻ وڻي ٿو... ۽ انهن ۾ وري شاعريءَ جا ڪتاب تہ جڻ دل گهريا دوست هجن، ڇو جو مان بہ شايد دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ شاعر جو روپ پسند ڪيان ٿو...
۽ مانواري عزيز ڪنگراڻيءَ جي هيءَ ترتيب تہ، اصل سون ورني آهي،..
ڇو جو اڄ اسان ڪي، ادب جي دنيا سان لڳ لاڳاپو رکندڙن ڪي، اهو ياد ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي ڇتي گهرج آهي تہ، ادب رڳو چند ڇهرن جي پوڄا ۾ ٻريل ٻولن جو نانءُ ناهي، روح جي حسرتن، رڙين ڪي پڙاڏا ڏيڻ جو نانءُ ناهي ...
ادب تہ ويسر جي مرض ڪي هڪ زوردار چماٽ وهائي ڪيڻ جو نالو آهي، ماضي، حال ۽ مستقبل جي هر پل سنوت ڪندي رهڻ جو نانءُ آهي...
۽ عزيز اهو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي...
اڄ جڏهن اسان سنڌي هزار ڪوڙڪين، ڪنڊين ۾ اٽڪيل آهيون، ڇنوڏسا ۾ ويڳاڻپ ۽ ڪن لاٿار واڪا ڪري رهي آهي...
ڇو؟ ڇو ؟ ڇو.......؟
ڇا اسان پنهنجي ياڳي جو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي؟
نہ، هر ڪو پنهنجي پاڻ لاءِ تہ سڀ ڪجهہ، پنهنجي لکن جي عزت ۽ مان مريادا ۽ غيرت اڪ چنيڻ بنا قربان ڪرڻ لاءِ آتو آهي، پر اهڙو ڪير بہ پڙ ۾ باقي ڪونهي جيڪو سنڌ لاءِ.
ايندڙ نسلن لاءِ هڪڙو ڦڙو ئي ڪٽي رت جو وهائڻ چاهي...
اهڙي صورتحال ۾ واڪا ڪري سنڌ جي ڳالهہ ڪرڻ
۽ وساري ويٺلن ڪي ياد ڪرائڻ جو خفو ڪٽڻ،
ڪنهن ثواب کان گهٽ ناهي ...
۽ هي ڪتاب سچي جو سچو
ان سانت ڪي چير ڏيڻ جي لاءِ،
ڪن لاٿار جو پاڙون پٽڻ جي لاءِ،
۽ ويسر ڪي ياد جي سٽي پيارڻ لاءِ لکيو ويو آهي...
۽ ڇپيو ويو آهي،
پڙهو ۽ پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪيو.

انعام عباسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مهاڳ

# عزيز: هڪ سُرتيو سرجڻهار

عزيز مونکان چمار ۾ ٻه وڏو آهي، ته سندس لکڻ جي عمر ٻه مونکان وڏي آهي. هي همراهه لاڳيتو، گهڻو ۽ گهڻن ميدانن ۾ لکندو ٿو رهي. انهن مان ڪي ته ڏکيا ٻه آهن ته رکا ٻه، جن ۾ پير پائڻ سولو، پر پير کپائڻ سولو ڪونهي، تاريخ، ڊرامو، ڪهاڻي، شاعري، شعر جي سٽ ته هلندي ٻه سرجي ويندي آهي. هنڌ ۾، پنڌ ۾. ڪڏهن لڙڪ ته ڪڏهن ٽڏو شوڪارو ٻڌجي. پر تاريخ لکڻ لاء مؤرخ آڏو مڪانن، بيانن ۽ ڪتابن جا ڍير هئڻ گهرجن. اڪثر هلڻ لاء پنين (گڏريل) وقت جي پيرن جا نشان گهرجن. ۽ شاعر وري پنهنجا رستا ٺاهيندو ۽ پونئيرن لاء پيرن جا نشان ڇڏيندو ايندو آهي. شاعر جذباتي هوندو، خيالي هوندو (شاعري ٻه هڪ خيال آهي) اڳهي ويندو. پر اديب ٿيڻ لاء لٺيءَ مان لکڻ پيچي سوار ناهي سڌائڻو. تاريخ ۽ تحقيق جي ماڻهن کي ٻه شاعريءَ جو شوق ڏنو ويو آهي. اِها ٻي ڳالهه آهي ته شاعر ٻه احساسن جي تاريخ لکندا آهن، وتندا آهن ڪوڙها ۽ ڳالهيون پڻ تي ڇُريندا. عزيز سان پهرين تعارفي ملاقات ميهڙ ۾ آءِ پانيان جون ۱۹۸۷ع ۾ ٿي. ”هي عزيز ڪنگراڻي آهي، منهنجو شاگرد دوست آهي. ڏاڍو سٺو شاعر ۽ ليکڪ آهي...“ پوءِ ڊسمبر جي هڪ رات ۱۹۸۸ع جوهيءَ ۾ تقرير ڪندي بخاري صاحب وڌيڪ فرمايو ته: ”... پر جنهن ڳالهه تي مونکي خوشي ۽ فخر آهي، سا اِها ته، عزيز ڪنگراڻي منهنجو اهڙو دوست ۽ نوجوان ساٿي آهي، جنهن ۾ مونکي وڏيون اُميدون آهن. سچ چوندا آهن ته، اک، چهنب جو خير، هي جهلي جهل کان محفوظ رهيو ۽ لڳاتار پنهنجي فن جي خونِ جگر سان آبياري ڪندو رهيو ته، هي هن ڪاڇي جي ڪڇ جو، دادوءَ جو، سنڌ جو روشن ستارو ثابت ٿيندو يا هِن جو صدين تائين سفر هلندو.“

۽ استاد جي اِها اُميد ۽ آس عزيز لاء دعا ٻڌجي اڳهامي چڪي. قد بت ۾ پورو پنو، ڪٽڪائو رنگ ۽ ڳهنڊيدار وارن وارو هي شخص ڪاڇي جي ڪنڌيءَ واري شهر جوهيءَ سان تعلق رکي ٿو. مون سوچيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيز سان دلي ويجهڙائيءَ جي ڪهڙي نسبت هئي! تڏهن خيال آيو ته، اِها ٿي مٽيءَ واري نسبت ۽ مرڪزيت هئي استاد جي ذات. توڙي جو بقول عزيز جي، وٽس ادب ۾ نه، ”اباڻڪو حاشيو نه حوالو، نه پسمنظر، نه ڏاڏو، نه ڪو پڙ ڏاڏو يا تڙ ڏاڏو اديب شاعر. هُجي به سهي، پر مون وٽ سڌ نه سمڪ!“ منهنجي خيال ۾ اِهو ضروري ڪونهي. وڏا وڏا ويڃهار، عالم، اديب اِها حسرت ڪنيون هليا ويا ته، سندن اولاد مان ڪنهن به الهن جي پاريل لاٽ مان لاٽ نه ٻاري. تنهن ڪري عالمن، اديبن جا وارث پيدا ضرور ٿيندا آهن، پر اِهو ضروري ناهي ته، اُهي سندن ئي اولاد مان هُجن، نه ئي اِهو ضروري آهي ته، ڪو شاعر اديب ادبي ورثي سان گڏ جنم وٺي- پر عزيز وٽ ورثو هيو. ذاتي حوالي سان نه سهي، پر هي جو هيڏو علمي ادبي ورثو هو، سو ڪنهن جو هو! سندس ئي ته هيو. جوهيءَ جو علمي ادبي ورثو، استاد بخاريءَ جو شاعراڻو ورثو، مخدوم بلاول جو سرُويچاڻو ۽ عالماڻو ورثو. ۽ سچ ته اڄ عزيز پنهنجي ذات، قبيلي توڙي تر ڳوٺ جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. هڪ اهڙي ميراث، جنهن جا وارث وري ڪي ٻيا ٿيندا آهن.

عزيز لاڳيتي محبت ۽ محنت سان تڪڙو اڳتي آيو آهي. ڪاڇي جي واءُ واچوڙي وانگر نه، پر جابلو پاڻيءَ وانگر- ۽ جديد ميڊيا ڪيس ڏور ڏس تائين سڃاڻپ ۽ قبوليت ڏني. ميڊيا جڏهن پرنٽ تائين محدود هئي، تڏهن به اُن جو هڪ نشو هو ۽ جڏهن اُها اليڪٽرانڪ ٿي، تڏهن ته اُن وڏيڪ ڪيپ ۽ خمار آندا. پر نشي جي ان ڪيفيت، جنهن ۾ پير توڙي هوش سنڀالڻ سڀ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي، عزيز جو مٿو ڪونه ڦيريو. ۽ هو پنهنجن روين ۾ اُهوئي سادو ڪاڇيلو ۽ ڳوٺاڻو ماستر رهيو. توڙي جو اڄ وٽس ميڊيا ۽ محبتن جا مڻ آهن. اهڙي ماڻهوءَ تي حيرت ڪائڻ لاءِ اڌ دم ضروري آهي. جيڪو گهڻو ڪجهه ٿيڻ کان پوءِ به گهڻو نٿو بدلجي. خبر ناهي اِها ڳالهه سندس فطرت ۾ آهي ڪي شعوري ڪوشش؛

*جهڙي آيس جيئن تهڙي وڃا تن ڏي (شاهه رحـ)*

عزيز جا هيل تائين ڪيترائي ڊراما پي ٽي وي ۽ پرائيويٽ چينلن تان ٽيلي ڪاسٽ ٿي چڪا آهن. ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب ”سنڌ پري“ ۽ تازو ڪهاڻين جي مجموعي ”روڳ“ جي حوالي سان هو اڳ ۾

ٿڙ ٿڙ ٿيءَ طوفان

ٿي صاحبِ ڪتاب ۽ٻنجي ڇڪو آهي.

شاعريءَ جو هي مجموعو ڪلاسيڪل صنف بيت ۽ وائيءَ تي ٻڌل آهي. جنهن کي ڪُن مختلف سُرن ۾ ورهائي ترتيب ڏنو آهي. سُرنِ ۾ نوان موضوع کنيا ويا آهن. تنهن ڪري هي مجموعو بيت جي قديم صنف رکندي به جديد دؤر جو آواز سڏجي ته به ان ۾ وڏاءُ ڪونهي.

بيت پنهنجي جڙاءَ ۽ بيهڪ ۾، مضمون، معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان هڪ مڪمل نظم به آهي ته هڪ بيت ٻي بيت جو تسلسل به هوندو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ بيت ۾ شاعرانو اظهار ايڏو ته فطري ٿو لڳي جو ڪڏهن ڪڏهن بيت جي هڪڙي سٽ ئي معنيٰ محاوري جي وسعت ۽ گهرائيءَ سبب ايڏي ته مڪمل ۽ ڀرپور هوندي آهي جو بيت جي ٻي سٽ جيڪا بيت جي فني بيهڪ لاءِ ضروري هوندي آهي. تنهن جي ضرورت به محسوس نه ٿيندي آهي. لطيف سائينءَ جو رسالو ته اهڙين سٽن جو گلزار آهي.

شاهه رحه:

*سلطاني سهاڳ نندون ڪندي نه ٿئي*
*ٻيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل هوندو هيڪڙو*
*کهوڙن ۽ کهوٽن جيڻ تورا ڏينهڙا*
*دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس*

***

اياز:

*ڏؤ بنا ڏوليا، ڪانهي ساڃهه سونهن جي.*

استاد:

*سهندين جيڏي ڪسَ، ٿيندين ايڏو سرخرو*

عزيز:

*جيڏو جڳ جهان، تيڏو سندس دائرو.*
*سياويڪ سلوڪ، سدا رهندو ساهَ ۾.*

شروعات سُر سرجڻهار سان ڪئي وئي آهي. سُرن جي ترتيب عمومي آهي. داستان ۽ٽاندڙ ٻهريان بيت ۽ آخر ۾ وايون- هن سُر جي عنوان مان ئي ظاهر آهي ته. اِها شاعري هڪ تخليقڪار، ڏاتيار، فنڪار کي ڀيٽا آهي، ۽ ان سان ئي مخاطب آهي. اصل ۾ هر تخليقڪار پاڻ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي مخاطب هوندو آهي. شاعر پاڻ سان ڳالهيون ڪندو آهي، جڏهن مشڪلون، امتحان، ڏک ۽ اداسيون ڪي هن جي آڏو، ڪي هن جي اندر ۾ جاڳنديون آهن تہ هن جو تخليقڪار جاڳندو آهي ۽ پاڻ سان ئي مخاطب ٿيندو آهي. سموري شاعريءَ جو وڏو حصو ضمير متڪلم I ، آءٌ، اسين ۽ ضمير حاضر YOU تون، توهين ۾ هوندو آهي.

سڀ سپنا ساڻ ڪٺي وئين،
اکڙين سان اوجاڳا پرتا.

(امداد حسيني)

تنهنجون ڳالهيون طويل تاريخون،
تنهنجو ڪمرو منو وطن وانگي.

(استاد بخاري)

ائين تخليقڪار، تخليقڪار سان مخاطب ٿيندو آهي:

ايءَ نہ پائن پير، جيئن ڪينر ڪيريءَ لنگهيو.
سونهاري صبوح سين، وجهي وينين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

(شاهہ رحہ)

ڳيو پاڻيءَ ڍڪ ۾، ٻوڙي جي ڪائين،
تہ تنهنجي سائين، ڏات ڌوٽي ٿي پوي.

(اياز)

تہ عزيز پنهنجن پيشروئن جي سنت تي هليو آهي. هڪ اهڙي تخليقي سنت جيڪا هڪ تخليقڪار جي فطرت جو حصو آهي.

جهڪيو ناهي ڪيرٿر، پوءِ تون ڪيئن جهڪين،
جوکا جيون کي ڏئي، راتو ڏينهن لکين،
چوکا ڪيئن چکين، مارو جي سڀ مامري.

سچو سرجنهار تہ پنهنجي ڏن ۾ هوندو آهي. چيچڻ، ڳائجڻ، اجائي تعريف ۽ تڪڙي ناماچاريءَ جو بحث بہ هن سُر ۾ چيڙيل آهي.

سُر سنڌو ۾ سنڌو درياءَ جي شان، تاريخي تذڪري وارا بيت بہ آهن تہ، هن وسنديءَ ۾ ڌارين يلغارن ۽ ڌارين جي وجود جو ڪُر غار ٿيڻ جو تاريخي ذڪر بہ آهي.

دريائن جو ديش، سڌبي هئي هيءَ سنڌڙي،
۽ سنڌ جي جياپي وارو اهم سوال بہ اٿاريو ويو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪارو ڪالا باغ، ڪيئن ٿو چئين تہ مُفيد آ؟

سنڌو درياءَ، جو هن تهذيب جو خالق، سچاڻ ۾ جياپو بہ آهي تہ، پنهنجن پنهي ڪنارن سان آباد وسيع ترين شاداب ڪلچر ۾ قومن جي ساهہ پساهہ ۾ خوشحاليءَ جي اهڃاڻ طور مقدس بہ آهي. جنهن ڪري ڪيس "درياهہ شاهہ" بہ چيو ويجي ٿو. هندن وٽ تہ درياءَ جي هستي اڃا بہ وڌيڪ پوتر هئي.

دادو مورو پل تان گذرڻ مهل، وئن جي اڳي سيٽ تي ويٺل هڪ پوڙهيءَ پاڻ سان ويٺل هڪ نينگريءَ کي چيو:

"اِهو لنگهي درياهہ شاهہ!"

هڪ سنڌو اڳ ئي سڪي سوڙهو ٿيل. مٿان وري سياري جي مند هئي، سو ندي نيڙ پئي نظر آئي.

نينگريءَ هيٺ درياءَ ڏانهن نهاريندي اچرج مان چيو:

"درياهہ اِهو آ!"

"ها اِهو اٿئي درياهہ شاهہ!"

"پر پاڻي تہ ڪونهيس"

"توبهن ڪر، ائين نہ چئبو آ درياءَ شاهہ جي نالي"

"الله توبهن، ائين نٿي چوان. پر هونءَ پاڻي تہ ڪونهيس."

نينگريءَ معصوميت مان وراڻيو.

منهنجون اکيون پرجي آيون، اهو ٻڌي. مون سوچيو، ڀلي تہ اِها ڳالهہ چوڻ لاءِ نہ چئجي، ۽ اِها ڳالهہ چوڻ درياءَ جي شان وٽان بہ نہ هجي، جا چوڻ سان سندس مقدس جمال مجروح ٿيندو هجي، پر اِها حقيقت هئي، جا ننڍڙي نينگريءَ کي بہ نظر پئي آئي تہ، درياهہ ۾ پاڻي نہ هو. ۽ اِهو ڪو قدرتي، يا موسمي ڦيرو نہ هو ۽ نہ ئي پورالي درياءَ وهڪرو بدلائي مُنهن ڦيريو هو. لطيف رحہ سائين جو "پَسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا، لوٽ، ليار" بہ شاعراڻو ڏوراپو هو. سچ اِهوئي هو تہ، مؤج ڀرئي مهراڻ کي ٻَڌي، سُڪائي سوڙهو ڪيو ويو هو. فطرت جي خلاف ڌرتيءَ جي اُن حصي جي نڙيءَ تي لت ڏئي، جنهن جو مٿس اصولي، اخلاقي ۽ قانوني حق هو.

ائين، ڀلي تہ اِها ڳالهہ بہ شهيدن جي شان وٽان نہ هئي، پر اِها بہ تاريخي حقيقت هئي تہ، هوشو، هيمو، بختاور، بلاول، ڀيو، نذير توڙي سميع قتل ڪيا ويا هئا، ان جنگ ۾ جيڪا نہ مذهبي ۽ نہ نسلي، صرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي جنگ هئي.

"... لڙايون ٻن مذهبن جي وچ ۾ ناهن لڳنديون، ٻن سياسي قوتن جي وچ ۾ لڳنديون آهن." پر هيڏانهن ته ڪا سياسي قوت ڪانه هئي. هڪ هرڻيءَ جي دانهن هئي، جيڪا وحشي درندن جي ور چڙهي چڪي هئي. هڪ شاعر جي روح جي رڙ هئي، جيڪا پاتالان پولار گونجي رهي هئي.

سنڌ جو ڪيڏارو، سُر شهيد نذير عباسي، سُر ڪاهوڙي، سُر بختاور ۽ سُر روپلو مضمون ۽ عنوان جي لحاظ کان الڳ الڳ سُر آهن. پر مونکي اهي سيئي سُر هڪ ئي سُر لڳا. سُر ڪيڏارو سيني سُرن جا هيروز هڪ ئي پڙ تي پيوت، رتو رت پيا هئا. جن جي مٿان ڪيڏاري جا مٿيءَ هاٿا ڪکر هئا ۽ خيما خيما هئا شاعريءَ جي نوٽ بوڪ جا پنا.

*موتيا لال لهوءَ ۾، رت پنا رابيل.*

*ساٿين سٿايون، سسيون ڪوري سڄ تي.*

*منيس، وَرُ چنومر، گهاتڪ گهائي گهاءَ ويو.*

*پاتالان پريٿي، ٽڏو ساهه پريوم،*

*رڳ رڳ روڪ رچي ويو، الگ الگ اڌ ٽيوم،*

*ماندو من جهجيوم، منڙي محب نذير لئي.*

مٿي ذڪر ڪيل سُرن ۾ ڪا به اهڙي سٽ نظر نه ايندي، جنهن ۾ مايوسي، موڳائي يا بزدليءَ جي جهلڪ هُجي. ڏک کي به ڏيڍ ٻٽايو ويو آهي. عزيز جي ٻوليءَ ڀڳتي شاعر استاد بخاريءَ جو اثر به ضرور قبوليو آهي. پر ان اثر سندس شاعريءَ جي مهانڊي کي متائي ناهي ڇڏيو. ويتر سهڻو بڻايو آهي.

سٺي لکڻ جو مطلب ڇا آهي؟ جي جواب ۾ ناصر ڪاظميءَ چيو هو: "سٺي لکڻ جو مطلب اِهو آهي ته پنهنجو لکي. هڪ شاعر جو شعر ٻڌي، توهان کي ڪنهن ٻئي شاعر جو شعر ياد نه اچي. بس اهوئي سٺو لکڻ آهي."

ته عزيز جي شاعري پڙهي مونکي ڪنهن ٻئي شاعر جو شعر ته نه پر ڪاڇو ضرور نظر آيو، ڪاڇو جنهن جون موسمون ٻه ئي ٻه آهن. ساوڻي سڪار يا ڪارو ڏڪار. وسڪار جي آباديءَ کي پنهنجون رونقون هيون ته، پٽن تي چٽي چاندوڪيءَ کي پنهنجي سونهن. ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترِ ترِ تعيءِ طوفان

زندگي تہ ڏک جي ڏارَ تي بہ ڏينهن وانگر ڳاڙهو ويس پايو اکين جو آڌر ڀاءُ پيُ ڪندي آهي.

وکون وجهي وترپيون
پُور وهيءِ ۾ چُوڙ گهڙو گوريءِ ڪڇ تي.
اوتيل رنگ سڀ الدلبي
وهيءِ سُهائي شام- سانجهيءِ ٽالي سانوري.

۽ عشق جي الا ٻٽي تہ هر چوليءِ ۾ چوچڙيون ٻاريو چڏي. اها ڪُوڪَ تہ ڪڇي توڙي ڪاڇي، ڪينجهر توڙي ڪوهسار سڀ ڪنهن جي سٽيل ۽ سڄاتل آهي.

شايد جيءُ جهٽي وتس، جهوريءِ جي جهولي!

عزيز جي خوبصورت خيالن، انيڪ منظرن، تاريخي حوالن، ڪاڇي جي ڳوٺن، ندين، نالن ۽ نين جو تفصيلي ذڪر ۽ اکر اکر جي اپٽار ڪرڻ بجاءِ آءٌ چاهيان ٿو تہ پڙهندڙ پاڻ عزيز سان ملي ۽ هر ان منظر کي پنهنجي احساس جي اک سان ڏسي ۽ ان احساس مان گذري ان کي محسوس ڪري. ڪتاب جي پيش لفظ بابت رسول حمزا توف ڏاڍيون مزيدار ڳالهيون ڪيون آهن. جن ۾ هڪڙي ڳالهہ هيءَ بہ چئي اٿائين: "پيش لفظ اهڙي ماڻهوءَ وانگر آهي، جنهن جا ڪلها ويڪرا ۽ متي تي ڦيڙهہ رکيل هجي، ۽ ٿيٽر جي اڳئين قطار ۾ ويٺل هجي. هاڻي اِها توهان جي قسمت آهي تہ، اهو سڌو ويٺو هجي، هيڏي هوڏي نہ ڏسي. آءٌ ڪو تماشو ڏسي رهيو هجان ۽ اڏو ڪو ان قسم جو ماڻهو ويٺل هجي تہ مونکي ڏاڍي بيچان لڳندي آهي."

سو مان بہ نٿو چاهيان تہ پڙهندڙ، ڪتاب جا احساسن منظر ڏسڻ بجاءِ منهنجا ڪلها ۽ ڦيڙهہ ڏسندا رهن. تنهن ڪري آءٌ اڳين قطار مان هٽي ٿو وڃان، جيئن هن ڪتاب جا پڙهندڙ، شاعريءَ جي خوبصورت واديءَ طرف ڪلندڙ هڪ پٽي دروازي وٽان بيهي احساسن جون اکيون ٺٺريون ڪري سگهن.

علي دوست عاجز

حيدرآباد
٢ سيپٽمبر ٢٠٠٥ع


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجھ آس ڪجھ نراس

عشق جي ڪائنات ايتري رنگين، گوناگون ۽ پُرفضا آهي جو ان منجهان گذرندي، اسرار پروڙيندي، بيچينيءَ ۾ به عجيب سرور ۽ سرور ۾ به عجيب بيچيني محسوس ٿيندي آهي. ماڻهو زمان ۽ مڪان کان لاتعلق بڻجي ويندو آهي، انڌلڪ جا رنگ محدود آهن پر عشق جا هزارين رنگ ۽ رُخ! ڪيفيتن ۾ اُٿل پُٿل جو انت نه پار، نه ڪو آنڊ نه پانڊ. پنهنجي جوهر ۾ جوالا مُکي به آهي ته ٻاک ويل گلاب جي ڪيت جي خوشبوءِ ڪٽي کهلندڙ. ٿڌڙي هير جو جهونڪو به آهي، پرينءَ جي چاهه مان ڏنل چميءَ جي انگن ۾ پيهي ويندڙ آلاڻ ۽ ڪچندڙ ساهن جي ڪوساڻ جو احساس آهي عشق! ميلاپ جي بسنت رُت ۾ اجهل ڪيفيتون نوان گونج ۽ گوشا ڪيڊنديون آهن. وڇوڙن جي پن چڻ ۾ خواب سُڪل پنن جيان اکين مان ڇڻي وکري ويندا آهن. اڪيلائپ جو احساس چڻ اُتر جي اوت ۽ جدائيءَ ۾ دل جُون جولاءِ جي لُکن ۾ لهسجي ويل تر ڪاڇي جيان ويران صحرا بڻجي ويندي آهي ته لطيف جهڙي عشق ۾ امير عاشق کان به رڙ نڪري ويندي آهي؛

"رُجن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوڙل جي ڪُوڪ،
ولولو ۽ وُوڪ، ايءَ تان آهه عشق جي."

(شاهه)

عشق جون جڙون سچڻ جي سونهن جي امرت سر جي پاتال ۾ هونديون آهن. اهي امرت ڌارائون دل ۽ دماغ تائين پهچڻ جو رستو ڪڍهن، ڪيئن ۽ ڪٿان جوڙي ونن ٿيون؟ نه ڪن بلير، نه سڌ نه سمڪ ۽ نه وري ڪو اتو پتو پوندو آهي. اهو سڀ ڪجهه اوچتو حادثي وانگر ٿي ويندو آهي، پر حادثاتي طور پهچڻ کان پوءِ دل من جي آڪاس تي انيڪ ڪير ڌارائون (Galaxies) ڪِڙي دل من جي ڪائنات کي رنگين ۽ روشن بڻائي ڇڏن ٿيون. جڏهن جي ڪايا پلٽ ٿي ويندي آهي. اهڙي ڪايا پلٽ ۾ ڪهڪشائن جي اها روشني فرد جي ذات جون حدون اورانگهي اجتماعيت جي سرحدن ۾ داخل ٿي ويندي آهي. ته عشق کي هڪ ٻيو مفهوم ۽ ڪارج ملي ويندو آهي. تڏهن سچڻ ساٿيهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ساڻيهه سچڻ تي پوندو آهي. پنهي جي ورد جا پُور وجوڻ من جي منشور (Prism) منجهان گذري، عشق جا رنگ نکڙي ۽ نکري نروار ٿيڻ لڳندا آهن. دلبر جو هر روپ سروپ ۽ درد دريا ته ساڻيهه جي هر چيز روح رهاڻ جو مرڪز. ساڻيهه لاءِ سڪڻ ۽ سوريءَ جو سواد ۽ وسارڻ وڻاهه!!

سچڻ ۽ ساڻيهه، ڪنهن اڻاسي وسري مونکي ته عشق جي ڪناري اوڻهو عميق لڳندو آهي، جنهن جي ڪنارن جي تلاش ۾ اميد جا ٻتيلا لڏندي لمندي ڪُن جي ڪڙڪن ۽ لهرن جي لَڙ جي ور چڙهي ويندا آهن. چوڌاس گهيريل اڻاٿو واءُ، ديد ڪٿجي ديد نه لهي پار!!

"وائنٽيون ٽيون وَرڪن، اڃان سڙهه نه پڌرا
سي ٿي ٽيون مَرڪن، جنين سندا آئيا"
(شاهه)

عشق ۽ سونهن، ڌرتي ۽ دل جو سٻنڌ پراڻو آهي. ڪُن فَيَڪُون ڪان انهيءَ سٻنڌ جي ابتدا ٿي آهي ۽ ان جي انتها ڪٿي ٽيٽي آ. ڪل ناهي! شاعريءَ جو محرڪ ساڻيهه ۽ سچڻ جي نرملتا ۽ نينهن ضرور آهي، پر جيئن نه هر فنڪار يا ڳائڪ شاعر نه هوندو آهي، تيئن هر عاشق شاعر نه هوندو آهي. شاعري حساس جذبن جي حصي ۾ ايندي آهي. حساس جذبن ڪي مطالعي، مشاهدي ۽ فني شاهراهه تان گذرڻ جو ڳس ملي ويندو آهي ته اظهار شاعريءَ جو روپ ڌاري وٺندا آهن. سُرڪ مان ساگر، ساگر مان مهاساگر جُڙڻ شروع ٿي ويندو آهي.

ڪنهن ڏاهي چواڻي ته ڪو شاعر پنهنجي شاعريءَ جي پاڻ ساراهه ڪري ٿو ته بيوقوف ماڻهو ٿي سندس عزت ڪندا آهن. سو مان اهڙي ڪنهن ٻه خوش فهمي ۽ خود فريبيءَ جو شڪار نه رهيو آهيان. سُتَڙ جي ڳولا ۾ اوتڙ يا ڏتڙ ڏوريا اٿم. چاچڙ ۾ چيرون ڪرڻ بجاءِ "نانهن" جي پار ۾ "آنهن" جو پيڙو لاهي ڪجهه آس ڪجهه نراس احساس ڪٽي اسهيو آهيان. "تڙ تڙ تي طوفان" ۾ گهيرجي ٻه هنجهه هٽان نه وڃايو اٿم. منهنجو شوق ۽ عشق منهنجو سُونهون رهيو آهي.

منهنجي شوق جا ميرانجهڙا عڪس ۽ اولڙا ڳهٽو اڳ ترتيب ڏنل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، ڪجهہ مجبوريون، ڪجهہ مصروفيتون رهيون جو نئين سر ترتيب ڏئي يا نظرثاني ڪري نہ سگهيس. اهو آسرو آهي تہ، بي ترتيب ۾ ترڙيل پکڙيل پيار جو پورهيو نظر ايندو.

ٿورائتو آهيان محترم انعام عباسيءَ جو جنهن "نئون نياپو اڪيڊميءَ" پاران، منهنجي عشق جي اولڙن کي ڪتابي شڪل ڏني آهي. هن موقعي تي جيڪڏهن مهاڳ لکڻ لاءِ محترم علي دوست عاجز ۽ ٽائيٽل ڊزائن ڪرڻ لاءِ محترم مُنور ابڙو کي وساريان تہ ڪُوڙ ۾ ليکبو.

عزيز ڪنگراڻي
گورنمنٽ ڪاليج
جوهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر سرجٹهار

## داستان پهريون

سُرتيا سرجٹهار، ڏيئو تنهنجي ذات آ
اوجهڙ ۾ جي قوم آ ٻڄين تون آڌار،
تنهنجوءِ ٿي اظهار، آٿي ڏيندو آجپو.
*

سوچين وينو سُرت سان، وڏي آهين وَٿ،
تنهنجي ڪِلڪ ڪتار آ، روشن تنهنجو هٿ،
جهڙو تون آن سوجهرو، تهڙو تنهنجو ست،
ڪنديون تنهنجي ڪٿ، صدين سنديون ساهميون.
*

ڪڏهن ساڙين سَنڌ، ڪينسر منجهه وڪوڙجي
هيپاٽائٽس جگر ۾، پوءِ ٻه پڏارين پنڌ،
ڪسر پرسيءَ ۾ لڇي، ڪين جهڪائين ڪنڌ،
ساڃهه سچ ۽ سونهن جي، روز تنوارين تند،
تنهنجي سوچ سگهند، صدين جو پيغام آ.
*

سارو جڳ ستو، جاڳي جاڳرتا ڪرين
درد پنهنجي ديس جي، توکي آهي وتو،
سرجٹهار سچو، آهين سرتيءَ سيم جو.
*

جاڳين راتيون ڏينهن، آلاپين تو آجپو
هيءَ نرالو نينهن، ارپين وينو زندگي.
*

ڳاڄ جر ۾ جيئڻ، لڏي چوڏهينءَ چنڊ تو
تر ۽ ڪاڇو تيئڻ، جهومن تو تخليق ۾
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽانيڪي تو ٽيت، ڏڪي سڪي ويل ۾
پنهنجي پونءِ جو پيد پيل آ تنهنجي پيٽ،
ڇڙڪو تنهنجو ڇيت، هاڙهو تنهنجو حوصلو.
*

تنهنجي هر تخليق، وقت روان جي ڳالهه آ
پيارا جهاڳ عميق، جهلڪي هر هڪ سٽ مان.
*

تنهنجي کهڙي پيٽ، ڌرتيءَ جيڏا او ڪوي!
سرنهن قلهاريل ڇيٽ، ڪارج تنهنجي ڪلڪ جو.
*

ساگر تو ڪرڙيون هٽي، ڏسي تنهنجو غم،
ڌرتي توکي ديد ۾، لکين قومي. ڪم،
تنهنجو هر هڪ دم، ڪوي آهي قيمتي.
*

قلم ڪاغذ مس، ڌرتي تنهنجو ورد آ
توڙي جو تنهنجيون رهن، ڪکيون ٻيئي ٻس
تو نه لاتي ڪس، ڏاها پنهنجي ذات کي.
*

تنهنجو فڪر سمونڊ، سوچون گهريون اونهيون
آءُ ڪريان ڪيئن چونڊ، اڻ مُل موتي اٽڪيا.
*

بارين تون رت تيل جان، جرڪائين اُتساهه،
تنهنجو ڪچندڙ ساهه، جهونڪو آهه بهار جو.
*

اوچيئڙي جو منڊ، سرجيل ساري سوچ آ
سهسين ڪڙيا چنڊ، چٺوڏس آهي چاندني.
*

خوشبو آ هر لفظ ۾، جملا سڀ سرڪنڊ،
ڪنڊ سيئي اُپڪنڊ، ويا هن سارا واسجي،
*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون سچائيءَ سنڌ جي، تنهنجي سنڌ سچاڻ،
محبت جو امڃاڻ، پورهيو تنهنجي پيار جو،

*

تنهنجي ٺلڪ جي ڪوڪ آ، صدين جو پڙلاءُ،
ملندو رهندو هڳاءُ، سنڌڙيءَ کي ساڃاهه جو.

*

ٻيهي پنهنجي پيرن تي، جيڙيا تو سُر ساز،
آپ کي تنهنجي آ پڳي تخليقي پرواز،
ڪارونجهر ڪان ڪيرٿر، توکي سنڌ تي ناز،
اندر جو آواز، ڏڙڪن هر ڪنهن دل جي.

*

تو جي سُر وکيريا، سڌبي سُر ورڪا،
جذبن جي برڪا، تنهنجي هر هڪ بات ۾.

*

خاصي آ خوشبوءِ، تو وٽ دلبر ديس جي
توکاري تو هر گهڙي، پاڻهپ جي بدبوءِ،
جيءُ ۾ سانڍي جُوءِ، پاڻ به جٺندو تو وتين.

*

توئي ڌرتي پاڻ، پنهنجي اندر جي پسين
سونهين تي واڪاڻ، تنهنجي ذات ۾ ڏانءُ جي.

*

تنهنجي هيءُ ساراهه، شايد سمجهي ڪو نلهي
ڪيڏيون تنهنجون خدمتون، وقت روان آگاهه
ڪيو آهه گواهه، مون به ادب اتساهه کي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

سچا سرجڻهار!
جهرمر جرڪين چوڏسا!
روشن تنهنجي ذات آ، جرڪي جوءِ جيار!
اوتيو آچين اڱڻي، ساجهہ ڪي سنسارَ!
اوندهہ ڪان پوءِ پاڪ جو، آهين تون اظهار!
چاهت جي آ چاندني، تنهنجي سوچ بهار!
ڪڻ پهہ پر ڪوڙهو ڪهٽو، ڪوئي انت نہ پار!
ساگر پڻ توکان سکيو، تڙپڻ واري تار!
هاڙهو همت حوصلو، تنهنجي ڪلڪ ڪتار!
پيار ونڊيندو تو وتين، ڪنيون درد هزار!
ڪيرت تو وٺ قوم جي، تکي تند تنوار!
جذبا تنهنجا جرڪڻا، جوت پريل جنسار!
سچا سرجڻهار!
جهرمر جرڪين چئو ڏس!

***

# داستان پيو

ڏاها ذات ڏٺي، ٿڌي دل سان سوچ،
ڪين ڇڏيندين جي هٿان، لاپاٽي لوچ،
پوءِ تو پوين پوچ، آڇيندو پيو عظمتون.
*

تو وٽ ٻولي ٻاجهه جي، تو وٽ پرت ۽ پيار،
اٿي جُوءِ جيار، جٺندو وتندين جوءِ ۾.
*

ٻولي درٻاري سکين، تون تہ نہ منهنجو ياءُ،
صديون ڪنديون ڪين ڪي، تنهنجو آڏرياءُ،
پندو ڪين پٺاءِ، ڌرتي سرتي سنڌ جو.
*

عاشق ناهي جو نہ آ، سونهن کي سربسجود،
جيڪو وساري پونءِ کي، سو تہ وڏو مردود،
اُنجو سمجهہ وجود، ڪاري پريل ڪِکَ جي.
*

تون جي ڌرتيءَ ڌر، جڻ جيئرو پوءِ جهان ۾
درٻاريت جي ڏوڙ جي، جي نہ لائين مَرُ،
توکي پورو تَرُ، جايون ڏيندو جيءَ ۾.
*

هوءِ ترپلي تر ۾، ڪاڇي ڪنڌيءَ منڌ،
آڃائپ جي آس ۾ سڏڪي ساري سنڌ،
ها سو آ، هر هنڌ، آزادي اعلان جو.
*

ڏاها! سُر ۾ ذات جو، سوڙدو ڪوجهو آهہ،
تاريخن جي ديگ ۾، ڪڙهندو تنهنجو ماهہ،
صديون تڏو ساهہ، ڪنديون تنهنجي حال تي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درباريت جي ڏپ کي، سمجھيو تو خوشبوء،
هر جنم ۾ جُوء، توکي لوڻيندي پئي.
*

آئي ڏين جي آڇپو، سُر سي سريلا چيڙ،
ساڃهہ سوچ شعور جا، ويهي موتي ميڙ،
قوم کي اهڙو (١)کيڙ، حق هاڪاري وٺي.
*

وکر ولڊ سڱنڊ جو، ٺوڪاري چڙ ڪک،
لکڻ ۾ تئي امرتا، رت ست گهوري لک،
ڦوڪي ڦوڪي وک، ڪتندو زهر تو خوب تر.
*

جيڪ تہ پنهنجي پيار جي، رکڻ چاٿين پت،
تو وٺ آ ڪيرت، ڌرتيءَ سندي ڌوڙ جي.
*

سرد هوائون (٢)ڳگ، بدن تي ليڙون لٽا
لڄ نہ آڇن لوپ کي، لوها جن جا لڱ،
تون بہ نباهج سڱ، تن سان ڏک ۽ سک ۾.
*

جهڪيو ناهي ڪيرتر، پوءِ تون ڪيئن جهڪين؟
جوکا جيون کي ڏئي، راتيان ڏينهن لکين،
چوڪا ڪيئن چکين، مارو جي سيءَ مامري.
*

ڊڄين پاڇي کان، کهڙي ڪتيندي کيپ تون؟
ڙ ۽ ڪاڇي کان، لکي لکندين ڪيترو؟
*

ڏين جي سيءَ چمار، ڌر کي زر تي فوقيت
توتي ڪين ميار، ايندي پوءِ اتهاس جي.
*

ڌر سان گڏ پڻ زر هُجي، پول نہ ٿين پڌرا،
ماڻن ڪيئن گدرا، پيئي هڪڙي مٺ ۾.
*

١- ڪيڙڻ : سيکارڻ ٢- ڳگ: ڌدو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦرندين ڪين اصل، پنهنجي ڪنهن بہ اصول تان
ڳڻبو پيو تاريخ ۾، تنهنجو ڪم اڻ مُل،
ايندڙ سڀ نسل، سارھ ۾ نہ ڏاپندا.
*
ولڏين ورچين ڏيهہ ۾ جيڏو پيار اٿاھ،
تيڏو ئي نيباھ، عمل ۾ پيي آڻ تون.
*
جاڳن مارو ملوڪ، ڏاڍ پوي جيئن مامري
صديون ڪوڪون تي وڃن، ڪوڪ تہ اهڙي ڪوڪ،
تاريخن ۾ هوڪ، پوي درد فرياد جي.
*
تخليقن ۾ سيڪ، (۱)ڏلهڪي تو وٽ ڏيهہ جو
ان کي عملي نيڪ، ڪيي قول ۽ فعل جي.
*
مرڪن سان مهڪاء، ڌرتي جي ڪنڌ ڪرڇ کي
جيوت کي جرڪاء، جاڳرتا جي جوت سان.
*
تو وٽ جرڪي جوت، ورچ ملهي مانائتي
وڃي تنهنجو موت، جيون ۾ تبديل ٿي.
*
چڙدي تون سرهاڻ کي، متان ڪک ڪٽي،
هيٺو ذات ڏٽي، پستي پوري قوم جي.
*
سنگهرون پائي سوچ کي، متان وڪٽي ذات،
ڪوي جي هر بات، قومن جي تقدير آ.
*
نرت رکي نروار، ڪري ۽ ڪوٽي سندي
مور خريدي نہ سگهي، توکي ڪا دربار،
سپتيا سرجڻهار، لڄ رکيءَ تو لوھ جي.
*

۱- ڏلهڪي : وهي، لمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

اُلندو وت اُتساھ!
سوچون تنھنجيون سوجھرو.
جيوت واري جوت ڪان، ھالر ڪر آڳاھ!
رات ڪٽي ٿي، ڀاڪ ٿي، ورچ وڏو ويساھ!
عام جڳي جيئن آڄڪو، جوڙيندو رھ راھ!
جيڏو تو وٽ جوش آ، تيڏو آھ نباھ!
وقت روان جو روح آ، تنھنجو ڪچندڙ ساھ!
اُلندو وت اتساھ!
سوچون تنھنجيون سوجھرو.
*

## وائي

تنھنجي ھيءَ جاکوڙ،
تاريخن ۾ سرخرو!
سِر جو، سُر جو، ذات جو، جُوءِ سان ناتو جوڙ!
تخليقون تنھنجون لڳن، ساريون لوھ مروڙ!
پنھنجي پتر پيند لئه، جنبي جھندو ڪوڙ!
پاڻ نہ پالئج ھيڪلو، توسان ڳلا ڪروڙ!
امرتا جون موسمون، تنھنجي آھن توڙ!
تنھنجي ھيءَ جاکوڙ!
تاريخن ۾ سرخرو.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٿيون

ٽڪي ذات نہ پاڻ، سگهندڙ ڪين وڪامجي
توڙي مون کي چاڻ، تنهنجي هن بدحال جي.
*

تنهنجي هن بد حال جي، مونکي خوب خبر،
تنهنجو آهہ گذر، دردن جي طوفان ۾.
*

زندهہ گهارڻ جا ڪرين، ڪيڏا جهد جتن،
پوءِ پيي ڪونہ ملن، سهنجيون توکي ساعتون
*

ارهي سرهي حال ۾، پياري سمجهين لوءِ،
پاڻ تي سوچين پوءِ، اول سوچين عام تي.
*

آئون تو چاڻان، ناٿي ۾ جو موهہ آ
ان جي وسڪي منڊ تي، ڪيئي وڪاڻا،
لاتو (۱)ليڱکو پاڻ کي، تو تہ نہ سياڻا،
مور نہ اجهاڻا، ڏيئا تنهنجي ذات جا.
*

توکي ٿيو عرصو، سهندي مالي مشڪلون
بد حالي ورٿو، توکي تحفي ۾ مليو.
*

تاريخن کان رڙ، ٽڪتي تنهنجي حال تي
ڏاڍي اونهي جڙ، تنهنجي هن بد حال جي.
*

خوشحالي ۾ جيڪڏهن، آهي ڪو بہ ڪوي،
منهنجي اک ٺڏي، دل من ساهہ سرور ۾.
*

ارهو ٿئي جيڪو، ليڪڪ جي خوشحال تي
بغض ۾ ڪيني سان پريل، حاسد آهي سو.
ليڪن آ ڪوجهو، جيڪو وڪٽي ذات تو.
*

۱- ليڱکو : ڪارنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو توتي او ڪوي، جيون ڳوري ڳوڻ،
سرهائپ ماڻين ائين، انّي ۾ جيئڻ لوڻ،
شايد ٻي ڪنهن جوڻ، سڌرن تنهنجون حالتون.

*

ڪڏهن ڪين خطا، ڏک ۾ همت حوصلا
درٻاريت جي دانَ تي، مور نہ خيال ڪتا،
ڪيو هوش عطا، نِنڊاڪيءَ تو قوم کي.

*

اوندهہ منجهہ اُمنگ، روشن ڪئي تو لوچ جي
چاتي چاهہ چٽنگ، دکي هر هڪ دل ۾

*

تپي تخت گاهہ، تنهنجي هر تخليق تي
تون تو ڪئي ساهہ، هو تو سمجهي زلزلو.

*

ويري سي ٿي واهرو، مون بہ ڪيو محسوس،
توتي ٿي جاچوس، ٻاتي تنهنجي ٻونءِ جا.

*

اندر تنهنجي مچ، بنا ٻڙڪن درد جا
ملڪ ڪري محسوس سي، عرصو گهرجي ڳچ،
هيءَ اگهاڙو سچ، اوڪاڇيان پيو وقت جو.

*

اچين تون اسٽيج تي، ساڃهہ ڀري جهول،
ڏرتيءَ ٻوليءَ، قوم جا، ٻولين ڀهڪڻ ٻول،
سمجهن هو واڪاڻ جو، ٻرڻ آيو ٻول،
جن جي ڪاڻ لکين ڪوي، ٻيئا ڪن سي ٽٽول،
بدليو ناهي چو اڃا، اونداهو ماحول،
ڳهلا ٽل ڪا ڳول، اٿلي سوچ سموند جان.

*

هتي هر ليکڪ متان، لڳل آهہ نشان،
هر لکڻيءَ تي دوستي، دهرا ڏنا دان،
پر تنهنجو آ ايمان، ڏر، فن ۽ اتهاس تي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن پيڙو بستري، تڏهن تون لاچار،
لڇين مرين يا بڇين، ڪانهي نيڻ نهار،
سمجهين بهتر موت کي، پنين ڪيڻ دربار،
سنڌي سرجڻهار، تنهنجو حال عجيب آ.

*

گهورين ساهه پساهه، نور نچوڙي نينهن سان
ٻئجي لاپرواهه، ملندڙ ڪنهن پيءِ موٽ ڪان.

*

متان توري درد ۾ پناهون ڳولين!
تخليقي سوڌي طرف، ڪڙڪي تون کولين،
خود کي روشن ذات کي، اونده ۾ رولين،
هيٺي ڪا پولين، تڪليفن جي تاءُ ۾.

*

سور ۾ سرجڻهار تون، ٻڄ انهن جي ڏال،
لڄ نہ آچن لوپ کي، توڙي لک ملال،
پڄرن لتهڻ اس ۾، حال صفا ٻي حال،
توڙي ڪارو ڪال، جيئڻ اونچي ڳاٽ سان.

*

پختيون پرکون ڏار، پاڻ ئي ماڻ مشاهدو
اکيون پوري تون ڪڏهن، نہ ڏنگرين اتو هار،
ويهي ڪر ويچار، ملهه مهانگو ذات جو.

*

جيون ۾ جي قير، آيو ڪين تہ خير آ
پر نہ ڏوبٽي ڏوبي، لڱل ذات کي مير،
سهندو ويهي ڪير، طعنو هيءُ تاريخ جو.

*

شاعر! جي موڙي، وايون غزل بيت بس
ويهي هتي جوڙي، نور نچوئي ديد جو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانيا تنهنجي ڪي ڪتي، غربت جي آري،
اذيت سندي آڳ ۾، تو گهڙي پل گهاري،
سوچ سدائين سوڀ جي، اپ ڏي اڏاري،
جيتر ويچاري، قوم پسي تو ڪم ڪي.
*

توڙي تو وٽ مفلسي، توڙي لک آزار،
سڙتيا ساهتڪار، اجري تو وٽ آڇ آ.
*

ڏوهه نه تنهنجي ذات تي، ڏڙهيو توکي ڏتي،
فن جي بي قدريءَ جو، ڇڏيئون پچ ڇتي،
جن وٽ لفظ نه تي، ذات ڏلي سبي ڏيهه جا.
*

سستو ائين سؤدو، ڪجي نه ڪوتا قوم جو
سِرَ ڏئو جنهن سچ کي، سوئي آسودو
چنيسر دودو، اتهاسي نه اولڙا.
*

سانگيئڙن سان سڱ، تنهنجو آدجگاد کان
ڪنڪلاٽپ ۾ ٿا ڪوي، لرزن تنهنجا لڱ
جذبا تنهنجا پڱ، لاشو چرن آ لحد ۾.
*

روزانو فاقا، ڪالهين تو چا هرج آ
آمر کي آقا، ڪوئين بهتر موت آ.
*

بدحاليءَ ۾ زندگي، ڦرتي تي هر ڪا،
ڪنڊ بچيل ڪا، ڪا، درد وتو ڪل ديس آ.
*

ڇکي جنهن نه ڇُڪي، ٽيڪي سر دربار ۾
تنهن ڏي پاڻ مُڪي، مارن روز ميار آ.
*

آلده ڪانه ميار، ڏاها ڏاهي ذات تي
گهوري تو گهربار، اُتم سمجهيون عظمتون.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

طبيعت منجهه حساسَ،
سوچين وينو سيم تي.
درٻارن جي درِ جاءِ موتايئي الماس!
بارش ۾ توڪي رهي، جهڳيءَ جو احساس!
بک ۾ سوچون سيٽيون، سرلا سڀ حواس!
قوم تي سوچين ڪشٽ جان، اجري تو وٽ آس!
درد ۾ ڪلهن ڪين ٿي، تنهنجي آس نراس!
پل پل پورهيو پيار جو، ستّ ستّ سچ شناس!
نفرت، بغض منافقي، مور نہ آيئي راس!
شاهد منهنجي هام جا، ڌرتي ۽ آڪاس!
طبيعت منجهه حساس!
سِوچين وينو سيم تي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان چوٿون

جوڙيا آجي ديس جا، من ۾ تو خاڪا،
تنل سوچ شعور کي، هنيان تي تاڪا،
وڇون وراڪا، ڏوٿي اٿيا ڏيهہ جا.
*

سمجهيو پهرين سٽ تو، ساهت آهي سبيل،
ڏيندو اڊڙيل ڏيل کي، ادبي ڪيتر (۱)ڪيل ،
ذات تہ ٺانگ اسيل، ڏانءُ بہ ڏئي تو ڏوجهرا.
*

ظلم جي تاندن تي پڇي، بڇي تو چاٿين،
پنهنجي تون تخليق تي، آنچ نتو آڻين،
منهنجي بہ مائين، ساري شال چمار تون.
*

اندر باهہ ڪنيون وتين، ٻاهر ٻاڦين ماڪ،
ڪاچي ٽر جي ٽاڪ، مرڪز تنهنجي سوچ جو.
*

اتو جي سُر وکيريا، سڏبي سُر ورڪا،
جذبن جي برڪا، تنهنجي هر هڪ بات ۾.
*

اندر باهہ ڪنيون وتين، ٻاهر ٽڏو برف،
تو نہ آندو حرف، پنهنجي قول قرار تي.
*

ٻاهر ٽڏو برف پر، جذبا جوالا،
محڪومن جي چپ جا، پگهريا سب تالا،
مارن ملهالا، ڏاڍن لئہ برپا ڪيا.
*

ڪوڪيو ڪوڪين هر گهڙي، گرجي جيئن گاج،
اٿڻ منجهہ علاج، سمهڻ منجهہ زوال آ.
*

۱- ڪِيل : توپو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڙ ٽڙ ٿيو طوفان

آزادي پٽڪو، ڪنڌي ڪين ٿي ماٺجي،
ڪنڌي جو ڪٽڪو، لٽ ڀڄو لٽ آ هيوڻو.

*

ڪاڻ هٿن ڪتڪا، دل ۾ توکي ديس جا،
اڀين آڏيءَ جو ڪٽي، اوجاڳا الڪا،
ساهت جا سهڪا، اٿيل اُڻ ٽڻ اوڄ ۾.

*

مهير آهين فطرتن، سونهن سنڌو کهورو،
پر ناهين پورو، پلجي ويهين پونءَ ڪي.

*

وينل وهندڙ نار جي، (١)ڳاڍيءَ تي ناري،
خوشبو جوين ڦوهه جي، ڦهلي چوڌاري،
هرڪي منظر منڊ تي، تو دل هاڻياري،
پر نہ وساري، تو ڳڻ پهه دلبر ديس جي.

*

بکر ڪان ڪيتي بندر، تنهنجو سارو گهر،
ڪارونجهر ڪان ڪيرٿر، توکي پيارو تر،
سمجهين آب حيات جڻ، اجرو سنڌوءَ جر،
تنهنجو ذات نکر، ڏرتي جي آ آرسي.

*

ورِ ورِ تو واڪاڻ، محبت وانگي دائمي
لاڙ وچولو ۽ سرو، سکر ڪاروڃاڻ،
منڇر ۽ مهراڻ، جڙيل تنهنجي جيءَ ۾.

*

ٿانيڪي جي ٿاڪ آ، تون پڻ ٿانيڪو،
برپا بي چيني ڪري، هاسو هاڃين جو،
توڏي ٿانگهي ڪو، پهه پهه پاڻ پلهار ٿين.

*

١- ڳاڍي: ڪاٺ جي لهيل، لوهي نار ۾ ڪم اچي ٿي،
ڪي يا رسو وجهي ڏاند جوٽيا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿين نہ سوچين مور، جهرن جهاڳين جهوپيون
ڏيهہ جو اڪيلو ڏور، سڄڻ چاهين سامهون.
*

تنهنجي دل جو پرڳڻو، دلبر جو ديرو،
اڪ ۾ آڪيرو، سينگهارن ۾ سنڌ جو.
*

تو لئہ سو، پل هيڏ، جنهن پل سانگي سڪ ۾
ديس جي آلي ديد، تو وٽ ماتر مامرا.
*

پونءِ جي گولي تي ڏسين، اوکو جي انسان،
جهوراڻي ۾ جان، سَنڌ، سَنڌ وڌ وجود ۾.
*

رات کي چوين رات تو، ڏينهن کي چوين ڏينهن،
توئي نرالو نينهن، سانڍيو سچ سان ساهہ ۾.
**

## وائي

تنهنجي ساهہ ۾ سڪ!
پيٽ پيٽ ٻٽ ٻٽ پونءِ جي.
اڻليو عشق سموئڊ جيان، من ۾ چوليون چڪ!
تپي توتي (١)تاج پر، تون بہ جهڙو رڪ!
ڌرتيءَ سان جي دوڌ ٿئي، تنهنجي هنءَ ۾ چڪ!
امن وارو چاڻ هت، اپرو سورج پڪ!
تنهنجي ساهہ ۾ سڪ!
پيٽ پيٽ ٻٽ ٻٽ پونءِ جي.

***

١- تاج تپڻ : بادشاهہ جو ڏمرجڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان پنجون

تخليقي ميدان ۾، ڪيڏي آهي (١)ڳوڙهه،
ٽِر جي ڪانهي ڪا وٿي، سرسي پسجي سوڙهه،
پر چو توکي (٢)لوڙهه، لِڳل سستي ناڻ جي.
*

سگهي ڪا تعريف، ڏيندي ڪانه مهانتا
ڏارج ظرف ظريف، وڏو اونهو ويڪرو.
*

تو وٽ جي اظهار جي، جهجهيري سرهاڻ،
ڪيجهو تون چاڪاڻ، ادارن جو تو رهين؟
*

هيڪاندا هيري مٿان، چڙهن واريءَ مڻ،
جنهن جو ڪر چمڪڻ، ان کي اوڍر ڇا ڪندي؟
*

ڪچو پڪو جو لکين، لکندو ڏيندو وڃ،
وهم وا ڏي واجهاءِ نه، (٣)موهن منهنجي مڄ،
شهرت واري اڄ، اڳلي ڇڏ اوڙاهه ۾.
*

تنهنجو مقصد ذات ڪان، اُتاهون آهي
وهم وا ۾ ڇا هي، ڪن پل جو بس کيل آ.
*

ڳهمي پل آڪاس، جنهن وٽ دهري دوستي
ادب ۽ اتهاس، وٽ به آهي ساهمي.
*

رکجان تون لڄ پال ٿي، پنهنجي فن جي لڄ،
اَجرو ماٺي اڄ، اوجر ڏي اتهاس کي.
*

١- ڳوڙهه : رش ٢- لوڙهه: بک ٣- موهن: پيارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيڇڙ، ٻڏڙ، ڳاڙهڙ، ڇا بس آهي معيار؟
ٻولي فن تخليق تي، ائين نه ڪارڻهن هار،
ايڏو ڪنهگار، ڇوٽوڻين تاريخ جو.
*

اُتم سمجهي آڇيو، اُتم سو انسان،
ڪنهن جي غلامي ۾ رهي، ٻي هودو حيوان،
ماڻهو سوئي مهان، جنهن وٽ لڄ ۽ ليهه آ.
*

پيچي ڇڏ پورا ڪري، ڏلهو شهرت تاڻ،
ناهي ڏيندو ناڻ، اهڙو اصل عظمتون.
*

اُڇا ائين اڄ، لهندي ناهي ناڻ جي،
سستي شهرت رڄ، ڇوٽو لاهين ڏيهڙا.
*

## وائي

ور ور نه واجهاءِ!
شهرت ڪندا پابري.
ڪين تي بخشي امرتا دوستائي راءِ!
تخليقن ۾ اندلٽي، سوچي رنگ رچاءِ!
هرڪي خود اتهاس پٽي، اهڙي تند تپاءِ!
ميڄتا ڪان بي نياز تي، پنهنجو نينهن نڀاءِ!
فڪري تون گلدان ۾، فن جو گل سجاءِ!
صديون گونجن ناڻ تي، سٽ ۾ ست سماءِ!
ور ور نه واجهاءِ!
شهرت ڪندا پابري.

***

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر سنڌو

درياءَن جو ديش، سڌيي هئي هي سنڌڙي
"گهگهر" گرجي"سرسوتي"، تاتيو ڏاڍو تيش،
پوندا هٺا هت پيش، "سنڌ ساگر" ۽ "هاڪڙو".
*
صدين کان وهندو اچي، دريا مست آجهل،
خالق سنڌوءَ جل، موهن جي تهذيب جو.
*
ڪيڏي سنڌ قديم آ، ڪولي ڏس رگ ويد،
ڪري سگهندي قيد، ڪيئن تون سنڌو وهڪرو.
*
سنڌ ستابي تاڪ، سنڌو ڌارا جي ڪري
پکڙيل ديسان ديس هئي خوشحاليءَ جي هاڪ،
آنديون اذيتناڪ، شادابي هت شامتون.
*
هت سميري بابلي، آيا ڪلداني،
مصري فنيقي باختري، رومي ساساني،
آريا خود اڻ آريا، ڦورو يوناني،
عربن مغلن ڪچ ۾، ڪاري هئي ڪاني،
ارغوني باهوڙيا، ڀهڙا ترخاني،
ڏچ هتي انگريز ۽ آيا افغاني،
سنڌو تو اڄ ڀي وهي، ڀيا سڀ آنجهاني،
تنهنجي بي ماني، ويندي پڻ برباد ٿي،
*
ايڏا بند نه جوڙ، سنڌوءَ جي ڌارا مٿان
بک ڪري باهوڙ، ڌاڙهيندي هن ڏيهه کي.
*
اڳ ئي سارو تر، سنڌو هوندي سوڪ ۾
بند ٻڌي تون پوڻ کي، ڪندي برپٽ بر،
منهنجو ڪاچو تر، ساري پاڻيءَ سرڪ کي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ساگر مهراڻ، حال وڃايو هاڪڙي
سنڌو توکي هاڻ، سڌڪڻ ڏبو ڪين ڪي.
*

پيءَ پنهنجي کي پرڻ، تنهنجو آ متيپد،
ڪري سنڌو قيد، سچ ٻڌائين سنڌ تو؟
*

ڌرتي سرتي سوڪ ۾، الري ڇٽوڏس اڄ،
سنڌوءَ جي ٿيندي وڃي، سائي وادي سڄ.
هوڏ نہ ڪر تون ڍير جي، ماري منهنجي مڄ،
ورنہ ماري مڄ، ڪندءِ مارو ملير جا.
*

او! انڌا گونگا، گهل، ڇوٽو اهلين الله ڏي
پنهنجو پاڻ کي پل، پڇتائيندي پوءِ تون.
*

ڪارو ڪالا باغ، ڪيئن تو چئين تہ مفيد آ
تنهنجو درست دماغ، ڪڏهن ٿيندو ڪين ڪي.
*

مرندا سب مري وڃون، مور نہ ڪريون ماٺ،
ڪڙين منجهہ تون ڪاٺ، سرڪ نہ ملندءِ هيڪڙي.
*

پاڻيءَ جي هڪ سرڪ، ضامن موت حيات جي
مرڻ مارڻ مرڪ، پنهنجي حق حساب تي.
*

پنهنجي ماتا سنڌ، سنڌوءَ ڌارا ٿيج آ
غدارن ۾ ليکبو، جنهن بہ جهڪايو ڪنڌ،
ماءُ نہ تنهن کي هنڌ، هرگز ڏيندي منجهہ ۾.
*

توکي آهي گهمنڊ، پنهنجي طاقت جو گهڻو
اٿليو سوچ سمنڊ، تہ لڙهي ويندي لهر ۾.
*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظلم هلايو ڪاله، سنڌو ڪڙيو قيد ۾
مون تي ڇڻ ڪنهن هاريا، پيري تاڙن تاله،
هاڃا ميڙي حال جا، مون آ جوڙي (۱)ماله،
سڏجي دل جي ڳاله، لعرا سڪتا ڪوڪلا!!
*
ڪوڪ صدين جي ڪوڪ، ڪوي آڏو قوم جي
ڦيري سنڌ تي ڦوڪ، آمر اسرافيل جي.
*
ياءُ جي ناهي ياءُ، ييجي جڏهن پونءِ تي
ٽيندو ناهه بچاءُ، دلبر تڏهن ديس جو.
***

## وائي

سنڌو تنهنجي موهه،
موهيو من جلاد جو.
هر صدي هر وقت ۾، جوهي تنهنجي جوهه!
ورسيل وادي ويڪري، اونچي هر هڪ روهه!
خوشحاليءَ ۾ خوب تر، ڪرڙي وسيل ڪوهه!
لهر لهر جي نرت ۽ پيار وڏي پاپوهه!
سنڌو تنهنجي موهه،
موهيو من جلاد جو.
***

۱- ماله : مالها


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

منهنجو سنڌ درياهہ!
قيد ڪري تو ڪوٽ ۾!!
پاڻي نہ پر زندگي، سنڌوءَ جيوت ساهہ!
ٿاهي جوڙي ڍير هو، روڪي سنڌوءَ راهہ!
سنڌ ۾ سنڌوءَ سان ڪئي، منهنجو پڻ ويساهہ!
واڻان روڪي وهڪرو، (١)ڇاپُون ڏيئي ڇاهہ!
پيئر! سنڌي پاڻڙا، تنهنجي خود پرواهہ!
منهنجو سنڌ درياهہ!
قيد ڪري تو ڪوٽ ۾!!

***

## وائي

تنهنجي ڏسي ڏاڍ کي، پاڻ رهون خاموش!!
موت برابر زندگي.
پاڻي تي ڌاڙو لڳي، پوءِ بہ نہ ڌاريون هوش!!
موت برابر زندگي.
پنهنجن حقن ڪاڻ جي، جوش وڃايون جوت!!
موت برابر زندگي.
تنهنجي ڪڌي ڪار تي، غور نہ لايون گوش!!
موت برابر زندگي.
پنهنجي شئي لئہ پاڻ تا، ڦهلايون آغوش!!
موت برابر زندگي.
پاپي آهي ڪوئبو، پاپ جو پردي پوش!!
موت برابر زندگي.

***

١- ڇاپ : رُڪاوٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جو ڪيڏارو

سنڌ صدين کان ڪربلا، گهر گهر ڪيڏارا،
مياڻي، ڪرڙي ۽ ڏٻي، سِرڻين لامارا،
ٽندي ٻهاول ڳوٺ ۾ رت جا جالارا،
کهڙا اوسارا، آهه مڙون ميدان ۾.
*

آپريشن آڙ، ڏنين ڏينهو ڏيهه کي
رڳو رڙ ۽ راڙ، شهر گهٽي ۽ ڳوٺ ۾.
*

ڪيڏو شاهه بندر تي، قهر ٽيو نازل،
ٽندوبهاول، ڳلي ڳلي آ سنڌ جي.
*

آپريشن ۔ اوٽ ۾، ڪاريهر ڪاهون،
ڏنگ سيڪيندي ڏيل جا، پٽڪي مادر پون،
ڪڏهن آڻي تون، پها رکندي ڦٽ تي،
*

سازش پويان سازشون، ڪيڏو موڙن ڪر،
ڪچو ڪاچو تر، ڦٽڪي ٿو پنجوڙ ۾.
*

هو جو ويٺو نمر تي، امن جو ڳيرو
الا ! آکيرو، بارودن جي باهه ۾.
*

ويرين سان هٿ ويڙهه ۾ ڪريا رت ڦڙا،
ٽاريءَ گل ٽڙيا، سرها پنهنجي سوبي جا.
*

مرون تنهنجو ١ ٿَرُ، سجهي ساري سنڌ کي
ڏيندي ضرب زخم، پولدين ليٿ پنجوڙ ۾.
*

١- ٿَرُ: جت مرون لکي ويهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تڙ تڙ تعي طوفان

خوني تنهنجو کيل، ڌرؤن ٿي هو واڪو
١ٽاٽي ٽارچر سيل، جوڌا منهنجي جوءِ جا.
*

کهڙيا سارا کهوٽ، ڪٽي ڀالا ٻرڇيون
ڪيراياٿون ڪوٽ، لڙندي هٿ للڪارسين.
*

جوڌا جُنگ جوان، موتيا ڏسي نہ موت کي
ٽنبن ڪڙڪي ڪانُ، ڌمڪائيندي ڏاڍ کي.
*

پاڻ تو جوڙيو تمر ۾، پاڻ کهڙيس تو وچ،
ٽلهو ٽي ويو ٽنيرو، رت پئندي رچ،
کولي اک تو اچ، جڏهن توسان جاڙ ٿي!؟
*

ڳيي عيوض گوليون، ٻالڪ روز ڳهن،
ايڏو سور سهن، ڳيرو ڪيتر ڳوٺ جا.
*

موتيا لال لهوءَ ۾، رت پنا رابيل،
ڳِهميل هيرون خون سان، کهلي اسر ويل
نہ ڪي پر نہ هيل، آئي آهي آشتي،
*

ازلئون آءُ امن جو، آهيان پانڌيئڙو،
ڪڏهن جنگ جدل ٽي، هيريم نہ هيئنڙو،
پائي ڏس ليئڙو، انساني اتهاس ۾.
*

تون خود ٿي مهمان آن، خود ٿي سمجهين ٿو،
مونکان پڇين ٿو، منهنجو کهڙو ديس آ؟
*

هونءَ تہ پرامن، آهيان آدجڳاد کان
ڳچيءَ هٿ پون، دوڌاري تلوار هان.
*

١- ٽاٽڻ؛ ڪاڙهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ ته جبر سانڻ، رهندي جيسين ساهه آ
رانول رتو ڇاڻ، ڏيندا سر سائيهه تي.
*

آزاديءَ جي ويڙهه ۾، وچي پٽي ويهين،
صدي ايکيهين، جهر جهنگ جيئبو آجڪو.
*

پاسو ڪنهن ڌاڙيل جو، پاڳيا ڪيئن ڪٽن،
پاڳيلن جي نانءَ ۾، پاڳيا ڇو تا ڪسن،
توکان روز پڇن، ڏوهي ايڏو ڏوهه ڇو؟
*

تورا منهنجي تاڪ جا، لاهي ڪين سگهين،
تڪيو ويٺو تڪين، هنڌ ملئي جت هنج ۾.
*

مرڻا ناهن مير، جن جو ناتو لوهه سان
ڪک ۾ لکين ڪِير، مرد نه مڙن پر مينڌرا.
*

ڪتل ڪاتي ڪک ۾، ته به وڍڻ جون وايون،
سوڍن ڪپايون، سسيون پنهنجون سوڀ لئه
*

مان هاڙهو ۾ هالار، مون سين جنگ نه وار تون
درد وندن جي ديس ۾، گهٽگهرو تي گهار،
اندر هاڻ آجار، ڪدي ڪيني بغض ڪي.
*

ڪدي ڪينو بغض ڇڏ، سک تون سرس سياءَ
دولهه دنگ دلير سان، ائين نه هٿ اٽڪاءَ،
رلي ملي ڪاءَ، جيجل جي هٿ جهول ۾.
*

درد وندن جي ديس ۾، وجهه نه ميري اک،
سمجهه عقل سک، پرکج پنهنجو پرتٽو.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرکج پنهنجو پرتئو، چريا چال سنڌ!
ڪالهہ ڪلهوڙو ڏينهن آ، رهئين ڪنهن آڌار،
ڏک سک جو وهنوار، ڪيَر توسان قرب ۾.
*

منهنجو گهر ۽ تر آ، منهنجي ڌرتي ماءُ،
منهنجي خون خمير ۾، هيمو جو آ هڳاءُ،
داٻو توڙي دٻاءُ، تنهنجو هلندو ڪين ڪي.
*

موڳا مانگر مڇ، منجهي تنهنجي مت چيو!؟
هر مارو آ مورڙيو، هر ڪنهن هٿ ۾ رڇ،
ڪٽڪ لہ پچ نہ ڪڇ، ڪنيجي ويندي چٺوڪنيو.
*

تڏهن سرت سکي وڃي، ڪڄي جڏهن تبر،
ڳاڙهو ٿي مهراڻ پئي، جاڳي پئي گهر تر،
ڏاري ڏاڍ ڏمر، آزادي آلاپجي.
*

جاڳيا جُنگ جوان جي، سي ڏيندا ڪنڌ ڪڏي،
ٽيندي ڪار ڪسڻ سندي، ستبا سر اڏي،
لڳندي جنگ وڏي، ريلا وهندا رت جا.
*

آتي ڪڻ تلوار، ڀرڪين چوٽو ڍول تون
جوڌا جنگون وار، وجهي وکون اڳ ڀريون.
*

گهڙندي ڏنر ٻچ، سوپارا سورهيہ هتي
سيڪاٽياٺون سيڪ سان، ٻرندڙ ڳاڙهو مچ،
ڪوڏيءَ جيڏو ڪچ، ڪمايائون ڪين ڪي.
*

مانجهي مون وٽ اڄ، سور سٺايائين سات جا
ڳڏجي ونڊيو سڄ، ڳڏ نباهيون نينهن سان.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريلا وهندو رت، لڳندي ويڙهه وڏاندري
تڏهن پوءِ هت، سچ جو ايندو سوجهرو.
*

ڪتل ڪاتي ڪڪ ۾، ته به وڻ جون وايون
ساٿين ستايون، سسيون ڪوري سچ تي.
*

سر به ڏجي پل سوپ کي، پر سوچي ڪا اٽڪل،
هاڪاري هيسائجي، هشمت ساڻ هڪل،
ڪائي خود اچل، ڪيجي ڪنڌ ڪلور جو.
*

جهرن پر نه جهڪن، جاڻنا هيءَ جهونجهار ڏس!
ويرين لئه واسينگ پر سجڻن ڪاڻ سڪن،
اٿن ۾ الرن، ته دشمن وجي دهلجي.
*

دشمن ويندين ڏوڙ تي، وجهه نه ايڏو وير،
ڪين ڪيندئي پير، جهڙپ ڏنئون جهونجهارڪي.
*

جُوءِ جا هيءَ جهونجهار هن، مرن نه ميڇن آڻ،
پنهنجي ڌرتيءَ ڪاڻ، سودن سؤدا سر جا.
*

جهڙپ ڏنئون جهونجهارڪي، جهري پوندؤ جهٽ،
سهندؤ مور نه سٽ، شهزورن جي ڪانئرو!
*

سودن سؤدا سر جا، سِرتيا هيءَ سپوت،
سورهيائي ثبوت، سرهي سير سهيڙيا.
*

رليل تن جي رت ۾، سنڌوءَ جو پاڻي،
هميشه ماڻي، ڪاميابي آ ڪونڌرن.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچيان ڪهڙو ٻر، تنهنجي ذهن ضمير جو
پنهنجو پورو ٽر، وٺين ڏئي تون ويسرا.
*

سڏجين تو جُهونجهار تون، سهڪين ڏسي سچ!
ايءُ ڪمائي ڪچ، پونءِ لڄائي ڪيئن تو؟
*

سهي سگهين سياڻ، ويري ايڏو ويل ڪر
رات اونداهي وئي ڪٽي، نڪتو سورج چاڻ،
اڳيون پويون هاڻ، ڪسرون ڪڍبون تو منجهان.
*

نيڻ وهائن نير، سي نہ ماڻن سوڀ ڪي
سچ جي جر تي هرڪيا، سمجهي ٽڏي هير،
جگر سچو جهير، تہ ٻہ ڪاهون ڪوڙ ڪلور تي.
*

آيو ڪالهہ ڪلاچ، واري وينو وارثي
موت نچي تو ناچ، انسانن جي لاش تي.
*

آيو ڪلاچي ڪالهہ، دعوي ڌرتيءَ جي ڪَري
قتل غارت جو پري، بينو ورچي ٽالهہ،
هي جا اڱري ڳالهہ، ياٺءِ نہ پوندي پونءِ ڪي.
*

چالئہ آهي هُن، هَل مچايو هوڏچي
منهنجو ڪلاچي ڪُن، صديون ڏينديون شاهدي.
*

آيو جڏهين اوپرو، پنهنجن ياتين سان،
لاتس تڏهين ماٺا، جڪي چاتين سان،
مڏين ڪاتين سان، ڪوُنڌر ان جا تو ڪُهي!؟
*

مون نہ ڪيو محسوس، آهين مون لئہ اوپرو
ذهنيت تو مخصوص، پنهنجي ظاهر پاڻ ڪئي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاله ڪليل آڪاس ۾، اوچتو هيءَ ڌرتي،
تڙجي ڌڪجي تون پڳين، تو سان سنڌ پرتي،
ڌرتيءَ هيءَ سرتي، تنهن کي ڏين تو گهاوَ تون!؟

*

ڌرتي تہ پاپوهہ سان، ڪولي هاتوَ ڏنئي،
جنهن پڙ چانوَ ڏنئي، وڏي تنهن کي بہ وڙا!!

*

تون جي ڌرتي ڌر ٿين، منهنجا تڏا نيڻ،
منهنجو من آ ميڻ، آچيان توکي عزتون.

*

نڪتي تنهنجي ظلم تي، تاريخن ڪان (۱)ڪيهہ،
توکي لڄ نہ (۲)ليهہ، مرڪين ماڻهوءَ موت تي.

*

جنهن بہ پناهون، ورتيون ضم ٿيا سنڌ ۾
ميريون نگاهون، ڪوني مورڙن تا ڪيون.

*

جت سودو سهانگو، سر جو هلي تو سپرين
اُتان هڪ تر جيترو، مونڻ مهانگو،
سر سندو سانگو، لاهي چڏ تہ لعل ٿين.

*

سورهہ ڪٿي ساڪ، ڪاهي پئو تون ڪَن ۾،
اچل ريچون پار ۾، جتي مانگر تاڪ،
نالو انٿي خاڪ، مانجهي! الهيءَ مچ جو.

*

امن جا گهورا اسين، مور نہ واريون جنگ،
جيڪو آيو تنگ، تنهن سان جوٽيون جوٽيون.

*

وقت جا حاڪم سخي! ايڏو لاپرواهہ؟
ڌرتيءَ وارن جي تہ بڌ آلهن متي آهہ،
نوڪين سان انين ناهہ، ڪري سنڌ نہ ساڙتون.

*

۱- ڪيهہ : ڪوڪ، رڙ ۲- ليهہ: شرم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تڙ تڙ تعيءِ طوفان

روز ڪلورن هت ڪُٺا، ماڻهو ريءِ گناھ،
لڇن هر گهر لوڙڙا، بکهڙن ٻاري ٻاھ،
ڏيئي ڀاڻ پناھ، ويل وهايو ڀونءِ توَ!!

*

توئي ته ڏني ڍر، توئي ته تاتيو مڇ کي!
تنهنجي (۱)چُوٽي تي مڇي، روز اجاڙي گهر،
تڙپي هاڻي ڏر، ڪوڪين تي ڪنهن لاءِ تون؟

*

ڀونءِ سندا ڀٽڪا، ڀٽيا ڀيندڻ ڀترن،
سور ڀريا سڏڪا، غفلت آ اولاد جي.

*

مون تي چيو ته مڪار آ، تو تي ڪيو شڪ،
توکي جڏهن ٻي ڳڻي، چهڪي ڀاتو چڪ،
ڀوءِ تي توکي ڀڪ، ٻچڙو آهي ٻي وڙو.

*

رات ٻڌو اعلان، تڙپي مون تاريخ جو
ڪاڏي ويو اڄ موررڙيو، ڪاٿي مرد مهان،
ڪاڏي سڀ اديب ويا ۽ قومي ڪيميادان،
عملن کي مرکهي وتو، رهيا محض بيان،
مڇ مَتو مروان، ڳوٺ شهر ڳڙڪائي پيو.

*

نرجا تو نه ڏٺو، ڪنبي ڏر ڪلور ۾
بزدل تي ويهي رهئين، ماٺ ۾ تو به سَنو،
ڏٺو رات منو، طعنو هيءُ تاريخ آ.

*

تڏو آهين گهڙو، مچيم سنڌ خمير جو
تتيءُ ۾ ته وڄ تپي، ڀاڻ بچاءِ (۲)ڀڙو،
چاڙهي هاڻ ڪڙو، لوڌ سوداگر موت جا.

*

۱- چوٽو : چوڪو، ڪاڏو ۲- ڀڙو: گهر تر، بينڪ، تاڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽڙ ٽڙ ٽِٽيو طوفان

جيئڙا آهيون جاليئڙا، ڇوٽو ڇوين ائين؟
پرهه ڦٽي لالاڻ جا، آهيون پانڌيئڙا،
موت ڏسي مرڪون پيا، سورهيه ساٿيئڙا،
ڪاريهر امڙا، جو ڏڙهي وجهون ڏاڍ کي.

*

ڌرتي لرزي ٿي ڏبي، ريٽو رت وهيو
ڪيڏو ڪيس ٿيو، مادر منهنجي پون؞ ٿي!؟

*

پنهنجي چنڊا پٽ ۾، سنڌي پورو تون،
بچندي ڪيئن پون؞، ٽورو ان تي سوچجان.

*

آهن ڪوڙ اڇا، مٺا ناهن مورڙيا
پنهنجي پون؞ مٿان، ڏيندا سر صدقو ڪري.

*

ڪينڪي ڪنهن کي ڪڪَ، مور نہ ڌرتي جو ڏبو
ٻڄون چاهي ٻک، گولين جي وسڪار جو.

*

سنڌ جي هر هڪ انچ ۾، منهنجو آهي دم،
ڪيڏو ڪوجهو ڪم، وڪڻان يا جي هٿ ڪٽان!

*

امن کي ارڙي، نڪتي ٻر بارود ۾
ڌرتي سندا ڏڪڙا، ڦري ٿيا ڦرڙي،
ڪُرڙي تي ڪرڙي، ۰امن هنئي اونداهہ ۾.

*

جلي پئي ٿي جيئري، هئي هئي حياتي
مرڪيو مماتي، سستو پسي موت کي.

*

رستن تي راڪاس، رلپي رڙي موت جو
گهر گهر مرون خوف جو، پٽي ڪائي ماس،
الا! هت احساس، ڪڏهن ايندو اوج ۾.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون ڪوڙو نوھم، آئي ويئي عيد آ،
ڏسي ڏلهڪي قياس ۾، جهڪي تي سا جوهم،
لوهم پنيان لوهم، پايين پاتي پيار تي.
*

گهرجي هيءُ سوچڻ، ڏيندي مبارڪ عيد جي
متان ڪنهن لنگهڻ، تي آ گهاري راتڙي.
*

ڪيسين پيچ ۽ پاپ، سهندو رهندين ماٽ ۾
آزادي آلاپ، تہ وجي پاپ پروڻ تي.
*

ماڻهو سندو ماس آ، ماڻهو سندو، ڪاڄ
راڙو اندر راڄ، ڪاسائيڪي ڪار تي.
*

سوچ وڏي تي سيري، لرزن تنهنجا لڱ ڇو؟
چوريو چرڪو ارتقا، وڪهري سمجهہ وري،
ويندا مچ ٻري، ساڃهہ سوچ شعور جا.
*

ساڃهہ سوچ شعور جي، ڏنو ٻنپ سمنڊ،
هڪلون ٻڌ هُن ڪنڊ، هِن ڪنڊ ٻڌ هوڪار تون.
*

سانگين لاءِ سِڪ تي، پلجي منجهہ پاتال،
جن سان جيئڻ آ مرڻ، مارو چارن مال،
مستقبل ۽ حال، اڙپيم ماضي ڏيهہ ڪي.
*

ڪڏين ڪيڏارو يڪو، ڪلڪ ڪتاري ڏات،
هٿ ڪرايون آڱريون، گهاتڪ ڪارڻ گهات،
وائي رهندي وات، مرندي دم بہ ديس جي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڃا هيءَ پسي وڏا، سارو سک ڦٽو،
ڌرتي وچي ڪسڪندي، ڪيان ڏيس ڪٽو،
اڄو سپ گڏجي ڏيون، غلاميءَ کي گھٽو،
هاڻي ڪوبہ ڏنو، روڪيندو نہ راهہ ڪان.

*

# وائي

ٻيلي! ڪونہ ٻڌوءِ!
سڏڪا واڪا ووءِ!
لڙهي ساري لوءِ ٿي
پنهنجو پاڻ ٿي ويسرا،
ويهي هٿ وڍيوءِ!
لڙهي ساري لوءِ ٿي.
ڪپر تو نہ ڪاپيا،
حيف تہ توکي هوءِ!
لڙهي ساري لوءِ ٿي.
ڳهاءِ جيجل ماءُ جا،
پَسندين ڪڏهن پوءِ!
لڙهي ساري لوءِ ٿي.
مايوسيءَ ۾ قوم آ،
واهر ٻڌجي ڪوءِ
لڙهي ساري لوءِ ٿي.
ٻونءِ وچي ٿي ٻيلبي،
ٻلجي نہ ٻڌڪوءِ!
لڙهي ساري لوءِ ٿي.
ٻَڙڪي واڳون ٻوٽ ٿو،
ساعت نہ سوچيوءِ!
لڙهي ساري لوءِ ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ڳاءِ ڪيڏارو ڳاءِ!
ڏاهي وجهہ بس ڏوهہ ڪي.
ڪيئن چوان مان ياٽڙا، ڪڏي ڪنڌ ڪپاءِ!
ڪاهي پئہ ميدان ۾، ملهي تيج ملهاءِ!
گولين عيوض گوليون، دشمن کي ڳيتاءِ!
آهون دانهون ڪوڪرا، ويڙهي جا ورناءِ!
ڳاءِ ڪيڏارو ڳاءِ!
ڏاهي وجهہ بس ڏوهہ ڪي.

## وائي

ڳوٺ شهر ۾ رت جي هولي،
شاعر کي خاموش ڏسي ٿي - ذات لڄي ٿي!!
نم جي وڻ تي امن جو ڳيرو،
تنهن تي ڪا بندوق ڇٽي ٿي - ذات لڄي ٿي!!
مؤرخ مورک ٻنجي پوي ٿو،
ڌرتي خود تاريخ لکي ٿي - ذات لڄي ٿي!!
روشن خيالي جي نالي ۾،
جي، ڪا سوچ ٽڪي ٿي! - ذات لڄي ٿي!!
ويريءَ هٿ ۾ واهپ ڇو آ؟
ڌرتي سرتي سڏڪي پڇي ٿي - ذات لڄي ٿي!!
جڏهن بہ منهنجي ياءَ سڳي جي،
ڏارين آڏو ديد جهڪي ٿي - ذات لڄي ٿي!!
ناسمجهيءَ جي ڪن ۾ جڏهين،
سنڌ جي نانءُ جي ناوَ ٻڏي - ذات لڄي ٿي!!
***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر ڪاھوڙي

سَرج ڪاھوڙ سُر، ڪتابي ڪينواس تي
اونو ڪاھوڙين پنڌ جو، اوکي سوکي سفر،
امرتا جي اتھاس ۾، اونچا ھوندا امر،
آءُ الھن جي ڏر، رھندس، رسندي موت کي.

*

ڪاھوڙي ھيءُ ياءُ، رکو رڙھڻ رڃ ۾،
مُرڪ سدائين مُک تي، توڙي سو سو گھاءُ،
آءُ تنين وٽ آءُ، امر ٽيندين آکڙيا.

*

امر ٽيندين آکڙيا، پنھنجي ڇڏ پچر،
واڍوڙين وٽ ويھہ تون، ٻونگا اڏي ٻر،
تن جو ساٿ سير، راند جنين جي رُڪ سين.

*

جي تو پاڻ پڏائيو، تون ڪورو نڪر ٽانءُ،
واڍوڙين وٽانءُ، پائي سک پريٿو.

*

تن ڪان سک پريٿو، جن کي وڍ تي وڍ،
ڪاري رات ڪُمھل جو، ڏينھ اچي ڏڍ،
ڪانئر جي تون ڪڍ، لڳي خود نہ لڄائجان!

*

واڍوڙين جو آ وچن، جھانگين سانگين ساڻ،
تن جو ھماليا حوصلو، ڌارن دل مھراڻ،
روح ۾ رتوچاڻ، ٻاھر ٻوليون ٻاجھہ جون.

*

ٻاھر ٻوليون ٻاجھہ جون، اندر سڄو اڌ،
پلجي من پاتال ۾، سوٻ سُھائي سڌ،
درد جھجھيرا ديس جا، ورچن وڌ ۾ وڌ،
ٻئي ليکي ٻڌ، جيئڻ تن جو جس آ.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُک تي مُرڪ درياهہ پر، جيءَ ۾ جهوراٽا،
تن وٽ اوراٽا، سانگين سندي سات جا.
*

واڇُون لِڪِن واءُ، پوءِ به پڏارن پنڌ ڏي
ڪاهوڙين جي خيال جو، پن پن ۾ پڙلاءُ،
سانگيئڙن لئہ ساءُ، ڳولن برپٽ بحر ۾.
*

تڙ تڙ تي طوفان، وک وک لنڌيون وقت جون
جيون ۾ جوکا ڪٽي، ووڙن مرد مهان،
آزادي عنوان، جهد سندن جاکوڙ جو.
***

## وائي

ماڻڻ مقصد ماڳ،

ڪاهوڙين جي زندگي!
ڦڪيو ڦڪن رند ۾، عشق نسوري آڳ!
جڏهن به آيون آفتون، ماڻڻ آهي مُهاڳ!
سردي گرمي سيءُ ۾، جهاڳڻ جهاڳ اَجهاڳ!
حق سچ سنڌ ۾ سونهن جو، روز الاپڻ راڳ!
ڪاهوڙين جي زندگي!
***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر بختاور

## داستان پهريون

متان سوچين مڻ، ڪٿو ملنديءِ ڪينڪي
بختاور جو بڻ، ڄاڻي سٿون سر جون.
*

عورت سمجهي انڌ ۾، نہ لوهُون ڏئي للڪار
نہ ڪي پڙڪ نہ ٻچ تون، ڪاراوا ڪمدار،
موني وچ مڪار، گهر ۾ ناهي مرد ڪو!
*

مرد نہ پسي (۱)رک تي، آيا ڀيڀ پيرڻ،
مور نہ ڏينديس مانگرين، ائين آنَ ڪٿڻ،
مارڻ يا تہ مرڻ، آهي نبيرو حق جو.
*

سمجهي خالي ڳوٺ کي ڪڏا آئين ڪهي،
هيڪل آءُ سهي، پر ڪانئر ڪوٺ نہ موت کي.
*

توڙي هيءُ ڪرو، اڇو اجرو صاف آ
ڏينديس ٻنٽي ڪينڪي، واپس سڀ ورو،
ايڏو نہ الرو، هڏين هيٺين ناهيان.
*

هڏ نہ هيٺين آهيان، سورهيہ سنڌياڻي،
رليل منهنجي وجود ۾ سنڌڙيءَ جو پاڻي
تحفظ ڳوناٺي، ڄاڻي حق حساب جو.
*

وڙهي ويڙهہ وڏي، پنهنجي حق حساب تي
ڏنئين سر ڪڏي، هاڪاريندي هوڏ سين.
*

۱- رک : رکيل آن جو ڍير


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ست ڏنائين سوڀ کي، آليائين اتهاس،
هُت رُنو آڪاس، هِت اُ ڏرتي وئي ڏڏي.
*

جاڳ اٿي تون جُنگجو، او بختاور جي پيڻ،
سُکا سنڌوءَ نيڻ، ڦٽس توهر پيٽ ۾.
*

ڦٽا توهر پيٽ ۾، ڳول سجائي واٽ،
گهيريل گهُگهه اونداهه ۾، پوسٽ پڪيس ياٽ،
تون ٿي جي سجاڳ پَئين، ايري اجري لاٽ،
تہ لهي اڄ اُساٽ، سورن سٺي سنڌ جي.
*

پيٺر آءُ تہ پونءَ لئہ، لوچون ڏينهان رات،
واڳون کولي وات، ڳڙڪائي سڀ ڳوٺ پيو.
*

پنهنجو هر شهر، اڄ بہ سندن اک ۾
نہ ٿي بي خبر، پيٺر پنهنجي پونءَ کان.
*

ڏارين سوچ ۽ لوچ، تہ وڃن سور سموهجي
پيڙا پويون (١)پوچ، پوکي نہ ڪڏهن پونءَ تي.
*

ساڃهہ عقل سمجهہ جي، تون تکڙي ڪر تعمير،
تقدير ۽ تدبير، هر پل تنهنجي هٿ ۾.
*

نسل وڏائڻ ڪاڻ آ، بس ويڙهي منجهہ وهاڻ،
جتڻ نياڻڻ مري وڃن، نہ ڪي نالو نانءُ،
گهرجي تنهنجو ديس کي، ڏاهپ وارو ڏانءُ،
سرتي! سچو هانءُ، آهين جهريل جهوڪ جو.
*

جهريل پنهنجي جهوڪ جي، تون نرت پري ناري،
تنهنجي ڪوسي ڪک جِنيان هٿ هنيلا هاري،
پورهيت پٽ پهاڙ چِڻ، جنگ رکن جاري،
عملن جي آري، ونگ وڍيندي وير جا.
*

١- پوچ : نسل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر پل تنهنجي هٿ ۾ همت جا هٿيار
سُتي ڏيچ سجاڳ جي، ٿڪي ڏئي نہ سمهار،
جهوليءَ ۾ جهونجهار، اُسري جيئن اڙٻنگ ٿي،
*

اُسري جيئن اڙٻنگ ٿي، ڪڙڪو ڪٽڻهار،
(١)ڦللهنگ جي للڪار، جهوري جيءُ جلاد جو.
*

آزاديءَ اُڏام ڪي، ڇُهني ڇمي ڇنڊ،
آجائپ جي اُڪنڊ ۾، ڇِن ڪنڊ اُپڪنڊ،
تو وٽ پلجي ننڊ، اوجاڳيل ڇو نيٽ ۾“
*

مڪتب تون ئي فڪر جو، تون ئي درسگاهہ،
تون ئي واٽ لاٽ آن، تون ئي شاهراهہ،
امرت انقلاب جي، تون ئي ساهہ پساهہ،
تون تي نرت نگاهہ، تہ پسجي جلدي ماڳ ڪي.
*

ٻڄي بختاور، هر. ڪا سنڌي ماءُ،
آزاديءَ جي ناءُ، اُڪري جهٽ اَجهاڳ مان.
*

سورهيہ سرتي سورمي، ارڏي تنهنجي اڍ،
صدين تائين ڏيءَ، ڏيندي رهندينءَ ڏيهہ کي.
*

ڏيندي رهندينءَ ڏيهہ کي، جذبو ۽ جُولان،
ڳٽبو پيو تاريخ ۾، تنهنجو مانُ مهانُ،
اَملهہ او انسان، ڳڻ هن تنهنجا اَڻڳڻيا.
*

تنهنجا ڳڻ آپار، سمائي ڪيئن شاعري
هشمت لک هزار، هڪل تنهنجي هوڏ ۾.
*

١- ڦلهنگ : پلوان، بهادر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت دنگ دلير، دشمن سامهُون دوبدو
هڪلي هاڪاري هٽي. چڻ ٿو گجي شير،
وڍجي ڪپجي وير، ويندو هڪڙي وار ۾.
*

ڪالهه تہ تيغ ترار هئي، اڄ تہ ڪلاشن ڪوف،
نهريون سنڌي ناريون، تڪن توڙي توف،
مور نہ ڪاڏئون خوف، ألري اڳتي آئيون.
*

نجهريو هر نگر، سچ سموري سنڌ تي
پيلا ڊنڊون ڪيئيون، پريو بر بحر،
بدامنيءَ ۾ پچريو، ڪاڇو ڪچو تر،
نڪرو چڙيو گهر، تہ پينر پُونءَ بچائيون.
*

پينڻ بچائج پونءَ، پائرن سان تي پرجهلي،
مور نہ هتجان تون، پاءُ چڙي بارود ۾.
*

اڄ بہ راتاها، ڌائڻ ڌين پيا ڏيهہ تي
سرتي سانباها، ڪر تہ ڪيڏوُن ڪچ ڪوڙ ڪي.
*

وڏا جُسي جهير، پانهپ وارين سنگهرن
پرهہ ڦٽيءَ جو پيار جون، چيڙ نہ ڳالهيون هير،
سچڻ ساهہ سرير، پر سوين رِيءَ نہ بسارجن.
*

ميرو مانگر مڇ، تاڪو بيٺو تر تڪي
ڪانڌ پيار پريت جون، تولڻ ڳالهيون تڇ،
ساٿين سان گڏ تون اڇل، راتاهن تي رڇ،
سونهين ونيءَ ڪڇ، ببياڪيءَ سان بانورا.
*

آزادي ريءَ بانورا، نہ موهي ڪائي مند،
سُرهي لڳي نہ شام ڪا، مٽي قاهيءَ قند،
چٽي نہ جيسين جند، چور نہ چاهت چنگ تون.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهت چنگ بہ چور، پر محبت ازلي ملڪ جي
هل تہ وستيون وڙيون، سڀڪو عملي سور،
ناري مرندي ڪين ڪا، نہ ايندو ڪو ان چور،
بريٽ ڏونگر ڏور، تہ ماٺيون منزل ماڳ ڪي.
*

بختاور جي ڪٽب جي، لالڻ مون ۾ لڄ،
پهاڙن ڪان پڇ، همت منهنجو حوصلو.
*

آءُ نہ چونديس ائين، وڃي ڪنڌ ڪپائجان
ٽيندين ٿون مفتوح جي، سورهيہ سڏبين ڪيئن؟
جاڪوڙي جيئن ٽيئن، آڻ اڳڻ تي سوڀ ڪي.
*

آڻ اڳڻ تون سوڀ ڪي، ڍرڪ نہ منهنجا ڍول،
ورڪا تو تي ورڪيان، گلڙن ڀري جهول،
بختاور جي لڄ آن، ڀاڄ ڀڳليءَ نہ ڀول،
ڏسندي ڏک ۽ ڏول، صديون گذريون سنڌ ڪي.
*

صديون گذريون سنڌ ڪي، سهندي ويسهہ گهات،
ڦورن جي رهندي اڃي، ڇانيل ڪاري رات،
پهتي نہ پرڀات، ڀيڻ عمل جي آسري.
*

مون جو پٽ ڇٽيو، سورهيہ آهي سپوت سو،
جسم سڄو ٽس جهير پر، اڃي ڪنڌ لٽيو،
ويهي گهاءَ ڀڳيو، پاٽئين سوڀ پلاند ۾.
*

ڏڍ ڏنائين سوڀ ڪي، اڙدو هيءَ انسان،
وڙهندي نيٺ نڌان، سوڀ ڏنائين سنڌ کي.
*

موٽيو ڪيئن مڃان، هارائي ميدان ۾،
مڃان ائين اڃان، ڊڙي آيو ڊوهہ ڪي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڙهندو اونچي ڳاٽ، پينر منهنجو پائڙو!
لرزي سارا لڳ ويا، سندا ٿاهيءَ کهاٽ،
سوپ ڪيو سرباٽ، مون سان پرهہ ويل جو.
*

واٽان نهنو موٽندو، ڪيئن ڪري نهڪر،
وليءَ ٻنيءَ تي سر، مرد ڏين ٿا مرڪندي.
*

پينر ياءَ مڙي، لڳي نہ دل کي ڳالهڙي
پڇي، ڪين لڙي، ڪارنهن هٽيَ ڪٽب کي!!؟
*

سرتيون سوپ ڪري، ورُ پوءِ واپس موٽندو،
سوپيو تي نہ وري، اڍ نہ اٿين عجيب جي.
*

سرتيون جيڏيون سُرت سان، اچو ماڳ مڙون،
هٿ ملائي هوت سان، گڏجي پاڻ لڙون،
ڪيسين سور سڙون، ورُ وڃائي ويڙهہ ۾.
*

سسئي سهٽي مارئي! رڳو مرد وڙهن؟
دودا پنهنجي ديس جا، ڪونڌر روز ڪسن؟
جوڌا چنگ چڙهن، اسان پوريون روڄ ۾!!
*

شايد ڪو ساري، هئي ڪا سنڌي سورمي
هڪلي هاڪاري، ساهہ ڏنائين سنڌ تي.
*

بختاور او پينڻ! مون تہ نہ مور وساريو
ڌيري منهنجي ذات پر، سيرا تنهنجا سينڻ،
هيءَ جا دلڙي ميڻ، پڳهريل تنهنجي درد ۾.
***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ڪالهہ ڪلهوڙي شام!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
ٻاڪ ڪيون ٿي الٽيون
شام ورتو سر سام!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
سڏ ڪي سڄ پڏي ويو،
ڪنهن نہ پري ڪا ڳام!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
ايڏي ساري سنڌڙي،
هوندي ايڏي ماٺ!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
لُڇي ڳهر تر ڳهوڳهجي
ڇو نہ ڪيو ماتام؟
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
ڳفتو ڳونگي لفظ جو
ڪهڙي هٿندو هام؟
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
ٻختاور ڏي موڪليا،
ڪنهن ها ماريءَ دام!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
هن ڏي آئي امرتا
پاڻ ڪٿي پيغام!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
تاريخن ۾ لوئبو،
ننڱو ماريءَ نام!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟
موت حياتي ٿي ويو،
سوڀ ٻٽي آ سام!
ڪنهن جو خون لڙهي ويو؟

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پيو

سرتي تيءِ سجاڳ تون، ساٿ سنياري سٽ،
وچي ويل وطن مجهان، ڳڻجي ونڊي هٽ،
تون آن وڏي وٽ، پنهنجي هر پلوان جي.
*

ريتن رسمن جا سيئي، زنگيل پيچ زنجير،
ناهين هاڻ حقير، ڏاهپ واري ڏور ۾.
*

ڏاهپ توڙي ڏانءُ جي، سَر جي تو وٽ سوچ،
شيهو ٻنجي سوچ، تہ قسمت جڙي قوم جي.
*

دنيا اورانگهيو چند، خود کي سمجهين ڪاٺلي!
جيون تنهنجو پيڙيو، غلاميءَ جي جند،
جاڳ ۾ توڙي ننڊ، چپ تي مُهرون ماٺ جون!!
*

قسمت جڙي قوم جي، بدلجي تقدير،
تون ئي روشن راهہ آن، تون آهين تدبير،
مهندار ۽ مهمير، پلجن تنهنجي گود ۾.
*

هو ڏس قتي باک آ، منڙي منهنجي پيڻ،
سهارو سرويچ جو، نہ ڪر پنل نيڻ،
متان سهين ويڻ، پائر چاڙهي پيٽ تي.
*

ڪئا لک ڪروڙ هن، ڪسڻ ناهي ڪار،
دودا هيءَ ڏوپار، ماري ماٺن سوپ ڪي.
*

ماءُ! ڪاهوڙي ڪير، پيتو تنهنجي ٿڃ جو
جائنو آهي جبل جيان، ارڏو ڪيڏو اسير،
ڪڏهن جهانگي جهنگ جو، ڪڏهن سنڌوءَ سير،
بانڪو باضمير، لڙندو ڪيئين لوپ ڏي؟
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پياريئي سُتي پاڻ، سرويچن کي سرت جي
هاڻ ڏڙهيندا ڏاڍ کي، چڙهي سچ سراڻ،
اکين ۾ آلاڻ، سڏون مُن ۾ سوڀ جون.
*
لڳ لڳ ليڙئون ليڙ، مرڪي بيٺو مُرڪٽو
هڏ نه آهي ڀرڪٽو، ڀوري هڪڙي ڀيڙ،
پل، پل ڀوڳي پيڙ، ورچي پيار پريتٽو.
*

## وائي

ٽڙيا گل رابيل،
تنهنجي رت جي ريج تي!
ڏيهه سڄو آ ڏاهپون، ڪنڌ ٻچيل ڪا نبيل!
ڇٽوڏس هڪلون هوڪرا، ڀون تي ڏسندي ڀيل!
جهڪيون ناهن جُرئتون، ڏسي جهنم جيل!
سمجهن پاتل ڇير ڇڻ، نَيرَ لوها نيل!
ٽڙيا گل رابيل!
تنهنجي رت جي ريج تي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر روپلو

ڪولهڻ تنهنجي ڪُڪ مان، روپلو جايو،
سنڌوءَ سندي لڄ تي، جنهن ڪنڌ ڪپايو،
مور نہ لڄايو، ڌاريلي جي ڌڄ ڪي.
*

ڇمندا ڪيئي ڇار، ڪولهڻ تنهنجي ڪُڪ مان
ڪين پرِيندا هار، لڙندا سي للڪارسين.
*

ڪولهڻ تنهنجي ڌيئڙي، ناهي اڃائي،
جنهن بہ پيتي روپلي، تنهن آ ملهائي،
سا رات سُهائي، ڪاتي جا تو جاڳ ۾.
*

ڪانهي ڪائي سنڌ، ڪولهڻ تر جي ڌاڪَ تي
ڪيئي ڇٽيندي روپلا، جيڪي ڇڪيندا اڌ،
ويڙهاڪو سي وڌ، وجهندا وير وجود ۾.
*

مور نہ ڪرندو ڪير، ڪولهڻ جي ڪنهن ڪُٽب جو
پٽندي پٽندي سرجيا، مرد وڏا مهمير،
جهجها ڏيندا جهير، جانب سيئي جلاد ڪي.
*

ڪڏهن ڪين ڪري، مور تريلي تڄ ڪا
سامهون وڙهي سهپ سان، تہ اندر هوند ٺري
ڪڏهن ڪونہ ڪري، روپلو، ڏسي ڏاڍ ڏري،
وني مرمرَ مري، هوت ميجي جي هار تو.
*

روپلو رُوپو، وني‍ءَ وڏو ناز آ
مرد نہ مڙندو ميڙرو، ڪونڌر هي کُوپو،
ڇُوپيل ڇُوپو، ڪانئر جي ڪايا ڪندو.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتيءَ جو ڏوپار، چاٽي سر جي ستَ کي
جانب سندي جسم تي، ڳولين جا وسڪار،
ڪونهِ ميڄيندو هار، توڙي تنگيل تياس تي.
*

او آزادي! آءٌ تون، تنهنجا ڳل چمان!
سانڍيو ويٺو هان، سالن کان هن آس کي.
*

ڪارونجهر جي چوٽ تي، چڙهي ڏنم رات،
پر ڪوليا پرڀات، اکيون ڪوليون آڇي.
*

بيشڪ پيار عظيم پر، آچائپ اُتم،
ڪوجهو هر هڪ دم، غلاميءَ جي رات ۾.
*

روئي ائين نہ تڪ، پاپوهئون تون باوري
موٽي ايندس پڪ، ماٽي تر جو آڇيو.
*

اڃا ڏور نشان، آزاديءَ جي پار جو
آيو ڇو فقدان، اڪواٽيءَ جو ڏيهہ ۾؟
*

هيرا هر ڪنهن هٿ، هرڪو سچو سپتيو
ڪنهن جي ڪجي ڪٿ، هر هڪ هيرو قيمتي.
*

ترپو پيٽ بکيو، گرجيو ڪيهر روپ ۾،
جڏهن پاڻ اٿيو، ڌرتي ويندين ڌوڏجي.
*

جڏهن اُتي جهد سان، جيون جوڙيندو،
ڪيڙي ميڙيندو، تڏهن هاري هارپو.
*

پورهيت هي ليڙون لتا، مور نہ ڇوڙيندو،
جڏهن موج درياهہ تي، رخ کي موڙيندو،
اٿلي پوڙيندو، ٻيڙو اونچ ۽ نيچ جو.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي جي ڳالهه ڪي، جنهن بہ چيو بڪواس،
انهيءَ تي اتهاس، آڏيون لک ملامتون.
*

آءُ اڃا هان پنڌ ۾، ويٺو آهيان ڏور،
مئي! روڪ نہ مور، پڌتر ٿي پوڙي چڙي.
*

جيڏي تون آهين مئي، تيڏي ڪٽ ماڪي!
آپ ۾ چنڊ ساڪي، تون آن داڻو ديس جو.
*

مونکي هر پيري، روڪين چوٽي راهه ڪان،
مئي يا جٺري، مون لئہ حور حسين تون.
*

جيڪا سوچي مون، پاتم ڪين پلاند ۾
شل! ھي سمجهين تون، منهنجي من جي ڳالهڙي.
*

ديس سوا ہي ڳالهڙي، اهڙي ناهي ڪا،
درد نہ ٿيندا ديس جا، جيتر ٽانيڪا،
لوڏيو ترڙيو لالچي، هر ڳهني هوڪا،
محبت ميڙاڪا، تيتر رهندا ٽانڪهہ ۾.
*

مون جا آهہ سئي، سختي رمندي راهہ ۾
هڪڙي تنهنجي مئي، ميساري سا مونجهہ آ.
*

ايءُ نہ وڃڻ ويل، رُوحل منهنجا رُوپلا،
هانءُ ڏري تون هيل، جهوري وئين بس جندڙي.
*

جهوري وئين تون جندڙي، اڪيڙي افلاڪ
اندر اذيتناڪ، دونهان دکيا درد جا.
*

تنهنجي همت هوش جي، هنڌين ماڳين هاڪ،
خاڪي تنهنجي خاڪ، همت جرئت حوصلا.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان گڏ منهنجا پرين، مونکي آلدائون،
سنڌ سان گڏ آئون، ڳاڙيا ڳوڙها رت جا.

*

پاڻ چيو تہ روپلي، مور نہ ميجان آڻ،
جنهن وٽ منهنجي ڪاڻ، گهرو ساگر پيار آ.

*

## وائي

ڪوڪ صدين جي روپلا، آهين جوت جيار!
ڪوڪ صدين جي روپلا!
دودي هيمو کان وٺي، تنهنجا روپ هزار!
ڪوڪ صدين جي روپلا!
جسم جي سگهہ محدود پر، همٿ انت نہ پار!
ڪوڪ صدين جي روپلا!
ساهہ ڏيڻ ويساهہ تي، آهن تنهنجا پار!
ڪوڪ صدين جي روپلا!
خون ڪٽوري ٿي ويو، ملي موت کي هار!
ڪوڪ صدين جي روپلا!

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر شهيد نذير (عباسي)

منيس! وَرَ چنوم، ڳهاتڪ ڳهائي ڳهاءُ سين
پاتالان پريٺي تَڏو ساهه پريوم،
رڳ رڳ روڳ رچي ويو، انگ انگ اڌ ٽيوم
ماندو من جهڄيوم، منڙي محب نذيرَ لئه.
*

ڳاڙهي ڳرٽ ڳتول، مرڪي موت قبوليو
ويري تنهنجو شال ٽٽي، ڪوڙهيو سارو کهول،
اڙڏو هيءُ اڏول، ڪنبيو مور نه ڦهر کان.
*

اکين ۾ آلاڻ، تو لئه ڀاءُ نذير آ
سر واٽي سرهو ٿئين، سورهيه تون سرواڻ،
دم ڏيندي تو آخري، مور نه مڃي آڻ،
ڏنو توکي ڏاڻ، آزاديءَ اجل جو.
*

منهنجا پٽ مهان، مُرڪي ملهائي ٽج تو
ڪيان سڀ قربان، چايم جيڪي ڪک مان.
*

ڪانه اجهائي لاٽ، ٻاريئي جيڪا ٻاٽ ۾
تنهنجو پسي ولولو، اربين اونچا ڳاٽ،
پاڻ ٻري ويو ٻاٽ، تون ته سراسر سوجهرو.
*

اڃي اڄ به هڳاءُ، تو مان منهنجي ٽج جو
تو جهڙي اڙٻنگ کي مرڪي ڄڻيو ماءُ،
ڳهائن مٿان ڳهاءُ، ٻڙڪ نٽي ٻاقورجي.
*

توئي نينهن نذير، پاليو من پاتال ۾
ڪايا ساري ڪرٽ ۾، ساڙن ساهه سرير،
ڪريل ناهي ڪير، هشمت هوڏ هراسجي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريتو لاتو رنگ، ريتي خون شهيد جي،
هن جي رنگ رتول مان، سرجيا سوين سنگ،
جاري رهندي جنگ، جيسين جيوت جڳ ۾.
*

توکي ناهه نذير، محتاجي تاريخ کي
موت ويچارو تو اڳيان، ڪيڏو آهه حقير،
ماريءَ خام خمير، تنهنجو جسو جس آ.
*

ڪبي ڪهڙي عيد، ڏڪاريئي هن ڏيهه ۾،
بڪن بمن سان ٿيا، لکين لال شهيد،
نمرودي نويد، ونڊيندي وڄجي وڃان !؟
*

تنهنجو نانءُ نذير چمڪي ٿو اتهاس ۾
تنهنجي هر تدبير، زنده آهي جاودان.
*

پاڻ شهيد نذير ٿو، نينهن ڪيو نيباهه،
اڳيو انقلاب کي، سر پنهنجو ٿو ساهه،
اڄ ٻيي ٿر ويساهه، تنهنجي اجري سوچ تي.
*

دشمن کي لوڙهي، اوندهه جي پاتال ۾
امرتا اوڙهي، چڙهيئي نرمل نانءُ کي.
*

تنهنجو پوڪيل وڻ، وڌيو ويجهيو وترو
نفرت جي پنجڻ، اڄڪلهه آهه اجاڙيو.
*

پوکيو تو جو سلو، اسريو نسريو اوج تي
اهڙو واءُ لڳو، لاهِئون ويو لوساڻجي.
*

سرتيا تنهنجي سوچ جي، تسبيح پٽي ٽٽي،
تند الئيل هٿي موهه سين، ڪلفت ڪرت ڪٽي،
اڃا پرهه ڦٽي، پورهيت وٽ پهتي نه آ.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪي ڪيهر روپ ۾، پورهيت پيٽ بکيو،
جڏهن پاڻ اٿيو، تہ ڏرتي ويندي ڏوڏ جي.
*

پورهيت وٽ پهتي نہ آ، آجائيپ آذان،
جنهن لئہ تو هو شعور جو، ٻاريو شمعدان،
سازش جي طوفان، آڏيءَ رات اجهائيو.
*

جهرين شال جلاد، ڦٿڪي ڦٿڪي تون مرين
تو لئہ آ ميلاد، مون وٽ ماتم موت تي.
*

## وائي

تو بن موسم درد جي، مون ڏي ايندي آ.
توبن موسم درد جي!
ياد جي اُپ اُماس تي، ڪنوڻ ڪنوندي آ.
توبن موسم درد جي!
بي رنگ منهنجي زندگي، هر هر جهرندي آ.
توبن موسم درد جي!
ڪتان آٿيان آٿون، دل من دردي آ.
توبن موسم درد جي!
مون ڪان توکي ئي ڪسيو خاڪي وردي آ.
توبن موسم درد جي!

## وائي

مون وٽ پلجي ناز!
پنهنجي پٽ نذير جو.
موت قبوليندي ڪڏهن، فاش نہ ٿيو ڪو راز!
ڪين دٻائي هو سگهيو، ڏاڍ بلند آواز!
موت وٺي خود مات ويو، ڪيڙيو جيون ساز!
برج لڏيا پوتار جا، ٻاري اپ تي ٻاز!
مون وٽ پلجي ناز!
پنهنجي پٽ نذير جو.
***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بيت

هر ڏک مونکي آ ڏلو، جيئڻ جو اتساهہ،
جيون ۾ منهنجو وڏيو ويتر آ ويساهہ،
پيارَ کيو نيياهہ، عشق عميق اُڪاريو.
*
هڪ تہ تنهنجي بات، جيون جو اتساهہ آ
ڏانءُ پيو ڳلجي ڏات، امرتا آچين تا.
*
سونهن ڏسي ڇڪجيو وڃا، جرڪن تا جذبات،
مون لئہ آب حيات، سرڪي هڪڙي سونهن جي.
*
درد ۾ تنهنجو پريتڙو، ڏيندو آهہ پناهہ،
ان جي آهہ گواهہ، ساري منهنجي شاعري.
*
ڪوئل ٿي ڪُوڪي، سانجهيءَ تاڻي باغ ۾،
دريون ٿي ڪولي، منهنجي من ۾ ياد جون.
*
مور نہ آهيون ڏار، صدين تائين سات آ
جيتر قائم جيو تون، جُڳ جُڳ هي جنسار،
جيتر ڌرتي اپ ۾، سونهن پريو سنسار،
جيتر سنڌو ماتري، وهندڙ سنڌو تار،
تيتر پنهنجو پيار، ڀڳڻ رهندو ڀهڪندو.
*
تنهنجو منهنجو چاهہ، لنڱهي لوح قلم ويو
وڏو آهہ وٿاهہ، توکان هڪ پل دور ٿيان.
*
ياڪر ۾ آئي، چمي تحفي ۾ ڏنئي
لمڪي ٽانڊاڻي، تنهنجي ڪئي جڻ آجيان.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترس تہ باک ڦتي، ايڏو جلدي ٿي وچين؟
ناهي تاس ڳهڻي، ڏاپيو ناهي جيئڙو.
*
ساڳي سونهن ۽ سوڀيا، ساڳو محب ملوڪ،
هنڌين ماڳين هوڪ، سنڌ، حسن ۽ هيج جي.
*
تن ۾ تات پرينءَ جي، ڄر ڄيبون ڄاڻيون،
پاتم ليلائيون، پهچ پرين تو سيڪهہ ۾.
*
اجهل جذبن ساڻ تون، پوئي پيار لڙهيءَ
لوڙهي وٽ چڙهي، ڪنهن لئہ پرين ڳات ٿي.
*
اوڙهي چنري چاهہ جي، عطر مشڪ هٽي،
جوڀن گل ڪٽي، نڪتي آن ڪنهن لاءِ تون؟
*
نڪتي آن مون لاءِ تون، سانگو لاهي ساهہ،
شوق جو پالي شينهن ۽ پلٽي سڀ پرواهہ،
ڪنڪا ڪري (١)خون تو، ورتي پيار پناهہ،
چمڪي پوندو چاهہ، جرڪي پونديون جيوتون.
*
مڪيون ساروٽيون، تحفي ۾ جي هيل تو،
خوشبوئن هاٽيون، سانڍيم ساريون ساهہ ۾.
*
جيڏي تون ڪلٽي، ڪنوڻ ناهي ايتري،
ڪير تر جي ڪورجي، هرٽي وڏ ٺهٽي،
نخرن ساڻ هلٽي، هرٽي ڄاڻي ڪينڪي.
*
وهندڙ پاڻي ڳاج ۾، اجرو تنهنجو عڪس،
لهر لهر جو رقص، ڀيٽا تنهنجي سونهن جي.
*

١ – خون : قتل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ چتائي، ڏسي اجري آب مان،
توکان چورائي، وجي نه تنهنجي چاندني.
*

مون ڏي ۽ تو ڏي، جو تو چنڊ تکي پرين؟
شايد گڏ گوڏي، ڏسندي پيو آ هرڪجي.
*

ڏکي چڏ چاتي، دل ٽي هرڪي چنڊ جي،
پائيندي جهاتي، تکي جهڙ جي اوٽ ۾.
*

چپن مٿان چپ، رکندي گرجي گاج پئي
کيڏي ٽي لڪ چپ، چمي منهنجي چاهه جي.
*

اجرج منجهان چنڊ پيو، ڏسي تو توکي!
شايد تو سوچي، ڪٿان آيو چنڊ پيو.
*

تنهنجي منهنجي چاهه جي، موهي وڏس منڊ،
تکي بيٺو چنڊ، ليٽو پائي آپ مان.
*

چنڊ ڪري تو ريسَ، تنهنجي منهنجي ميل تي
صدين کان خود جيسَ، ڳولي ٽڪو جڳ ۾.
*

پائين چنڊ لٿا، جوتو روشندان مان،
پلجي سوچ نه پورڙا، ته پاريا تر ڏيئا.
روشن طبق ٿيا، سامهون ساجن سوجهرو.
*

مونکان چنڊ پڇين، جهيٽي جو آ چاندني،
بيٺو پاڻ پسين، ساجن پر ۾ سوجهرو.
*

چنڊ نه ايڏو جل، سور نه پيٽي ڪا سٽي،
درد جي رڻ ۾ ٿا ڦٽن، مس مس چاهت گل،
سوئي پيار اَمل، جو نسري ڏک جي پونءِ تي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سان گڏ محبوب آ، چنڊ ڪرين ٿو ريس،
ڳول وچي پنهنجو پرين، مليو مونکي جيس،
ٽتا، ايڏا تِيس، چڱو ناهي چاهه ۾.
*

مونکي مون محبوب جون، سيرانديءَ ڇاتيون،
ديدون اهڙيون چنڊ ڇو، ميريون تو تاتيون،
پائيندو ڇهاتيون، ناهي ڪڏهن اوپرو.
*

ڪنجهي ۾ ڪٽڪي، چنڊ اجايو جي چاهه تي
ٻڙڪي پل پٽڪي، جانب منهنجي جهول ۾.
*

ڇا لئہ تون ڇاڪاڻ ٿو، سڏڪا چنڊ پرين؟
مون تہ ڇيو بس سرس آ، توکان منهنجو پرين،
دل ۾ ڇو تو ڪرين، منهنجي من جي ڳالهڙي.
*

خوب ڦلاريل ڦل، ميٺا جي ڏرتي مٿان
سامي شاهه سچل، پوکيا جيڪي پيار سان.
*

ترور ترورا، من ۾ مکاميل جا
اَجرا آسرا، ڪيڏا سانڍيم ساهه ۾.
*

من جي ٽاريءَ تي ٽڙيا، سپنا ڇڻ ڪي گل،
خوشبوءِ آهه اَمُل، واسيو منهنجي وجود کي.
*

منهنجي سپڻن ۾ مٺي! تنهنجي آ سرهاڻ،
سانئڻ ساپيا ساڻ، ايندينءَ ڪڏهن نيٺ تون.
*

منهنجو جيون ٿر، تنهنجي پڇاڻا بانوري،
تنهنجو پيار ڪکر، وسي شل وسڪارسين.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چمڪي ڏئي چاهه ۾، چوڏس تي مهڪار،
ثُريا سهڪا ساهه جا، کُهلي ڀير بهار،
هر هنڌ پس هٻڪار، ڌرتي تي وئي ڦهلجي.
*

وچڙيئڙ مون ڪان پر، تہ ٻريا ڏيئا ذات جا،
مان ۽ خالي گهر، تنهنجا آهيون منتظر.
*

منهنجي مايا ملڪ، سرجيل ساري شاعري،
آهي ٻتي ۽ ڪلڪ، ساڪي تنهنجي سونهن جا.
*

هيل بہ ساوڻ ساوري، شايد آئي سوڳ،
هر پيري هي روڳ، جهوريو وجهي جندڙي.
*

ساوڻ ڏيندو ساءُ، اڱڻ ايندي تون جڏهن،
ويڇوڙي جا گهاءُ، ويندا سڀ ميسارجي.
*

اچي موسم قوهه ۾، وڏا ڪيئي وڙ،
اڏامي پت جهڙ، ويئي من جي باغ مان.
*

تنهنجو جلوو چانڊني، جرڪيو سارو تر،
مُرڪين مهڪين بانوري، ويهي منهنجي پر،
ستارا هر هر، تڪن توڏي تيس مان.
*

تنهنجو ڏسي سوجهرو، اُبريو ناهي چنڊ،
موهيو تنهنجي منڊ، تارن ٻري رات کي.
*

ٽمڪي جڻ تارو، ساجن منهنجي هنج ۾،
اهڙو نظارو، آءُ ۾ ليي ڪين ٿو.
*

تارو آهي جڻ پرين، جهولي منهنجي اپ،
منظر آءُ جا سڀ، اٽڪيا آس اُماس ۾.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد ڪهي جهوُنڪوء آيو من پاتال ۾،
ڏک هنيو ڏوڪو، پيڪي دل جي پير تي.
*

تون جي ناهين پر ۾، اُتيهين اونداهه،
جيون تان ويساهه، تنهن پل ويندو آ کڄي.
*

وينو آهيان منتظر، ساجن ڪين پڳو،
چوڏهينءِ چنڊ ڦلو، پاسي اپ جي اک ۾.
*

ساجن منهنجي پر، ان پل مون وٽ سوجهرو،
مون تي پنهنجا در، کوليندي آ زندگي.
*

پاسي اُپ مزار ۾، تارا چڻ تہ ڏٺا،
سارا فوت ٿيا، ساجن توبن آسرا.
*

جوين پيار ۾ زندگي، آئين تي نيئي،
مان ۾ چنڊ ٻيئي، ڪندا آهيون آجيان.
*

ڇرڪي پڇيو چاندني، چاجو چمڪو ٿيو؟
ساجن آ مُرڪيو، مون بہ وراڻيون ڇوٽ ۾.
*

هر ڪا صورت سونهن، تنهنجي لڳم سالوري
تنهن سان روح ورونهن، رهي من پاتال ۾.
*

آندي اوجر جوُءِ ۾، پهرين بوند بهار،
تنهنجي سُرهي سار، سري هر هر ساهه ۾.
*

ساڳي سونهن ۾ سوپيا، ساڳو محب ملوڪ،
سنڌ ءِ حسن هيج جي، هنڌين ماڳين هوڪ،
سياويڪ سلوڪ، سدا رهندو ساهه ۾.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تڙ تڙ تعيء طوفان**

آئي، آڏاڻا، پکي • آس اُميد جا
سِڪي ساهه سرير پر، محبن کي ماڻا
مٽي پڇاڻا، لهندا سار عزيز جي.
*

مون وٽ سرها گل، پرين ڪندا آڇ پيو
ڪلڪ هيءِ ڪاغذ ڪُل، سارهه منجهه نه ڏاپندا.
*

ساهن ۾ چهڪتاڻ، رڳن ۾ ريهون رڙيون،
راتو ڏينهان روح ۾، متل آ مانڊاڻ،
دردن جو مهراڻ، اندر وهي عزيز جي.
***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وايون

نه تو ماٺو موڪليو، نه ڪي پهتين پاڻ!
ٻنگيو تنهنجي ٻاڻ!
ڪاڇي موتيون ڪونجڙيون، تون به هلي آ هاڻ!
ٻنگيو تنهنجي ٻاڻ!
سرنهن ڦلاري ڦوهه تي، سار ٻٽي سرهاڻ!
ٻنگيو تنهنجي ٻاڻ!
جهرن جوين ڏينهڙا، ڏنب ڏئي وئين ڏاڻ!
ٻنگيو تنهنجي ٻاڻ!
اڪڙين ۾ اڪيل پرين، ڳٽتين جي ڳوراڻ!
ٻنگيو تنهنجي ٻاڻ!

***

لفظ جيئرا جرڪڻا، سوچ جي آڳر ۾!
ڳالهائن ٿا!
سهڪا تنهنجي ساهه جا، منهنجي پاڪر ۾!
ڳالهائن ٿا!
چپڙن نيڻن، دل جا، لهجا ٺاپر ۾!
ڳالهائن ٿا!
پاتڻي چلا پيار جا، جوين آڳر ۾!
ڳالهائن ٿا!
جذبا اوتر نت الڙ، چهري تاثر ۾!
ڳالهائن ٿا!

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر گهڙي هر گام،
خوشبو ورچين ٿي مٺي!
مون سان ڪندين گفتگو، روز سهاڻي شام!
نيڻ ڪٿي تون مرڪندي، پيار جو ڏين پيغام!
مونکي نرمل نيڻهن جا، پياريندين تون جام!
جوڀن واري واس جو، آڇيندي انعام!
چنڊ ستارا جنهن گهڙي، تو وٽ ٻڌجن سام!
قيد ڪرين ٿي قرب ۾، وار وڪيري دام!
خوشبو ورچين ٿي مٺي!

***

گاج ڪناري شام جو،
گهلندي جڏهين هير!
مونکي سارينديون پرين!
چاندوڪين ۾ هيڪلو
ديد ڪٿي دلگير!
مونکي سارينديون پرين!
منڇر واڱر چوليون،
هٿندءِ ساهه سرير!
مونکي سارينديون پرين!
رهندون ڏيندءِ روح کي،
منهنجي روز اُڪير!
مونکي سارينديون پرين!
واجهائيندي ٻاڪ جو،
نيڻ وهائي نير!
مونکي سارينديون پرين!

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاءِ ڀٽائي ڳاءِ، ڪيڏارو ڪو ڳاءِ
جهجهي جوت جلاءِ تون!
سنڌو ٻيلاٽيون ٿيو، واڪا تون ورناءِ!
الجهي تنهنجي قوم وئي، تنهن کي اڄ سُلجهاءِ!
چيڙ تنبوري تند تون، تن تن کي تڙپاءِ!
هرڪو هوشو ٿي پوي، اهڙو مچ مچاءِ!
ڪاڇي ٿر جي سوڪ لئہ: سر سارنگ ورجاءِ!
ڳوٺن شهرن ۾ وڃي، جيوت کي جرڪاءِ!
ڳاءِ ڀٽائي ڳاءِ،
ڪيڏارو ڪو ڳاءِ،
جهجهي جوت جلاءِ تون!

***

رڄ ٿي ريهون ڪري،
آهي ڪو ڪهاءِ؟
ڪاڇي ڪلهہ ڪرلائيو
پياسا آهن پٽ سب،
ٿيو الدر منجهہ اُهاءِ!
ڪاڇي ڪلهہ ڪرلائيو
ڪاڇي ڪنڌيءَ ۾ ٻُريو
ڪُنجن جو ڪُلاءِ
ڪاڇي ڪلهہ ڪرلائيو
خون ڪتوري مان اُڇي،
هيمو وارو هڳاءِ!
ڪاڇي ڪلهہ ڪرلائيو
پهچي تو وٽ ڪاش ميءَ،
سوچڻ جو پڙلاءِ!
ڪاڇي ڪلهہ ڪرلائيو
نياس پڇي تون ظلم جا،
اک اک ۾ اتڪاءِ! ڪاڇي ڪلهہ ڪرلائيو
***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تڙ تڙ تيء طوفان

ڪڙ ڪڙ ڪڙ ڪاج اچ،
گرجي ڪيو گڙڪاٽ!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

ڪنوڻ مٿان آ ڪيرڻ،
گوڙ ڪيو ڪڙڪاٽ!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

لٽي لوڙي پلٽ آ،
ڪنڌيءَ منجهہ ڪنجهاٽ!!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

اوتر سان پيا وڏ ڦڙا،
ٽارين ڪيا تڙڪاٽ!!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

ڪپرن سان ٽي ڪنڌ هٽي،
ڪاج ڪجيا ڪهوڪهاٽ!!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

گورک ٽي گوگاءُ آ،
چيرن ۾ چرڪاٽ!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

ٽئي ڪو ريج وٺائتو،
جوڙن ڪڙمي جاٽ!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

ڪاڇيلا خوش ٽي ڪليا،
لهندي اج اُساٽ!!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

مؤج ۾ وهندا واهہ ۽،
پريي يون پرٽاٽ!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

ڪاڇو وٺو هيل آ،
لڪ لڏيو لوساٽ!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!
چري لاٿا لانيا،
ڪڏندا ڪوڙ ڪنوات!!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!
مارن مک تي مرڪ آ،
الڊلٺ جي چڻ لاٽ!!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!
ڳڙ ڳڙ ڳڙ ڳڙ ڳاج اڄ،
ڳرجي ڪيو ڳڙڪاٽ!
شال نہ ڦاٽي ڦاٽ!!

***

سنڌو! هيڏي هوڏ؟
مارو پيا سڀ مامري!!
لوڙهي پاڻي لاڻديون، لهرن منجهہ نہ لوڏ!
امرت تنهنجو آب پر، ڏنارن نہ ڏوڏ!
ڪنجهن ڪٽڪن چر ۾، ڳنجي پاتل ڳوڏ!
جهري پيون سڀ جهوپڙيون، ڪچو ٻوڙيو ٻوڏ!
سنڌو هيڏي هوڏ؟
مارو پيا سڀ مامري!!

***

سنڌوءَ منجهہ اٿل،
سانگين مٿ ۾ ساهہ آ.
چوليون ڪيڏو چوهہ ۾، ڪچو آهہ ٻڏل!
پليون پاڻي هيٺ ۾ مارو منهن لٿل!
دريا بيشڪ دادلا، توکي جهل نہ پل!
موج متي مهراڻ جي، ٻنجي ويئي اجل!
چير ويا چاچولجي، ايڏي ڏي نہ اچل!
سنڌوءَ منجهہ اچل!
سانگين مٿ ۾ ساهہ آ.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڇاڻا تون ڪير؟

اربيہ توکي شاعري.

پاتم پوري زندگي، تنھنجو پنڌ نہ پير!
نہ ڪي ميل ميلاپ آ، نہ ڪي اير نہ پير!
ھر ڪنھن صورت منجھہ تون، ھرڪڻ منھنجي ھير!
ھيرُ گھلي تي پرھہ جو، جمر جمر پائي چير!
ازل ڪان منھنجي اندر، الڇاتا آلير!
نہ ڇاڻا تون ڪير؟
اربيہ توکي شاعري.

***

سانجھيءَ جو ٻولي،

ڪوئل ڪَھُوءَ ڏار تي!
چيڙي تي سر سڪ جا، ڪنھن کي تي ڳولي!
منھنجي دل ۾ ياد جون، ڪڙڪيون تي کولي!
جيئن تي ڪوڪي سوز ۾، تيئن تي من رولي!
شايد جيءَ جھني وتس، جھوريءَ جي جھولي!
سانجھيءَ جو ٻولي،
ڪوئل ڪَھُوءَ ڏار تي!

***

لاتئي دير گھٽي،

موتي موسم سانوڻي!
دوري دود دکائيا، توکي ڪيئن وٽي!!
من جي ڪاچي لوٽ تي، يادون ڪٽي ڪٽي!!
موٽ سياجھا سپرين، دلبر دل ڏٽي!!
توبن منھنجي زندگي، توھر ڪير بٽي!!
لاتئي دير گھٽي
موتي موسم سدانوڻي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيرتر جي ڪور تي، ڪهوءِ پر ڪوڪي!
ڪوئل ڪنهن جي لاءِ تي؟
دل جي درد انگار کي ڦوڪون ڏئي ڦوڪي!
ڪُوڪِي من پر باک جو، ڪوڪا تي ٺوڪي!
گيت مڌر آلاپ کي، سگهندو ڪو روڪي!؟
کيرتر جي ڪور تي
ڪهيءِ پر ڪوڪي
ڪوئل ڪنهن جي لاءِ تي؟

***

يادون ماڪ ڦڙا،
باک ڦٽي جو بانوري.
چنڊيا جي تو چت تي، ناهن چٽ لڙا.
منهنجي وياڪل من کي، کهرجن ٻاجهہ ٻڙا.
موت بہ جهوٽو واءُ جو، جيون جر هڙا.
مڌر تنهنجا نهڪ چڻ، چاهت چنگ چڙا.
يادون ماڪ ڦڙا،
باک ڦٽي جو بانوري!

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايري سور جي سٽ،
ڇڻ تہ ٻگھڙ جو جھٽ،
سارون تنھنجيون سانوري!
ڇنتا لاٽي ڇوڇڙي،
پڙڪي ٻاھہ پنيٽ،
سارون تنھنجيون سانوري!
ميھوڳيءَ جي منڊ ۾،
اڻ تڻ اھنج اڪٽ،
سارون تنھنجيون سانوري!
ٻٽجي سرس سڳنڌ شل،
روز ٽِڪن مون وٽ،
سارون تنھنجيون سانوري!
چاهت چنگ چريو پرين،
درد اڪيڙيا ڦٽ،
سارون تنھنجيون سانوري!
آس نراس عزيز جي،
جھوري جيءَ جھنجھٽ،
سارون تنھنجيون سانوري!

***

چانڊوڪي پڻ چاھہ ونڊي ٿي!
تنھنجي هوندي
هير ۾ خوشبو وار ڇنڊي ٿي!
تنھنجي هوندي
ميھوڳي ۾ اجري ڌرتي منڊ منڊي ٿي!
تنھنجي هوندي
رُت بسنت ۾ ڳل چمڻ جي سڌ وڌي ٿي!
تنھنجي هوندي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تڙ تڙ تعيـ طوفان

تتل ڏر تنور،
پاڻي کوهين ڏور!
گهڙو گوريءَ ڪڇ تي!

وڪون وجهي وتريون،
پور وهيءَ ۾ چُور،
گهڙو گوريءَ ڪڇ تي!

ککر ڪاڇي ڪان رُڻين،
پياسا ڳڀ تلور!
گهڙو گوريءَ ڪڇ تي!

ڳولي اس ۾ چانورو
وٽين پن نـ پور!
گهڙو گوريءَ ڪڇ تي!

ڪامي ٻري ڪيرٽر
ڪيو ڪال ڪلور!
گهڙو گوريءَ ڪڇ تي!

پکهر ۾ چولو پنل،
خوشبوءِ جيئن ڪٿور،
گهڙو گوريءَ ڪڇ تي!

***

منهنجي حواسن ۾،
هر روز خيالن ۾،
تنهنجي خوشبو ٿي وسي.

معطر معطر ياد جي،
ڪنکهور ڪهٽائن ۾،
تنهنجي خوشبو ٿي وسي.

چيٽن جي او سپرين،
سرنهن ڦلهارن ۾،
تنهنجي خوشبو ٿي وسي.

سنگ جوئر جي جهليا،
ڪچڙن آنين ۾،
تنهنجي خوشبو ٿي وسي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتن جي هر سٽ ۾،
غزلن وائين ۾،
تنهنجي خوشبو ٿي وسي.
دل جي بن اجاڙ ۾،
عمر جي خزائن ۾،
تنهنجي خوشبو ٿي وسي.
ٽڏڙي هير ۾،
چئوڦير فضائن ۾،
تنهنجي خوشبو ٿي وسي.

***

پڪا پيرون جام!
مرڪي پيري گام!
سانجهيءَ ٽاڻي سانوري!
منيجر جي لهرن مٿان،
جڻ آڙيءَ جي آڏام!
سانجهيءَ ٽاڻي سانوري!
اوتيل رنگ سڀ الڏلٿي،
وهيءَ سُهاڻي شام!
سانجهيءَ ٽاڻي سانوري!
پيرون چونڊي ٽوڙ ۾،
پڪل لاڙي لام!
سانجهيءَ ٽاڻي سانوري!
لُوٽا ڦيري خوف ۾،
دڳ دڳ دنيا دام!
سانجهيءَ ٽاڻي سانوري!
سپنا شيشا ٽاڪئان،
ساپيائن جي سام!
سانجهيءَ ٽاڻي سانوري!
ڪاڇي ڪنڌي ۾ گهمي،
نينهن ڳنهي ڪيئن نام؟
سانجهيءَ ٽاڻي سانوري!

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توبن پيار جي ناءِ،
هر پل سڪ سموڻ ۾!
جيون! تنهنجي رونق، آندا لک انياءَ!
پيار ادب ۽ عشق ۾، ڪندو شوق جتاءَ!
ياد ابهري روح ڪي، آچيا اهنج اُهاءَ!
وقت برابر قيمتي، ڪي پل ڪيڏي آءَ!
پاڻ اچي پس دل جي، لهرن منجهه لقاءَ!
توبن پيار جي ناءَ!
هر پل سڪ سموڻ ۾.

***

هيڪل من اڻ تڻ،
ڪڪرن جي ڪڻ ڪڻ،
يادون برڪا رُت جيئن!
ڏنگي آڏيءَ رات تي
هُر ڪُر جي هڻ ڪڻ، يادون برڪا رُت جيئن!
ڪليل ڳهر جون در دريون
ڳهلي هير ڏڪڻ، يادون برڪا رُت جيئن!
ڪاچي يون پرڻاٽ تي،
آهي ڦڙ ڦڙ ڇڻ، يادون برڪا رُت جيئن!

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من ۾ موج متل،
جذبن منجهه اُتل،
اُڇهل منهنجو نينهن ڙي!!
آءُ تہ اڻ تڻ اوريون،
جيون پل آپل،
اڻ ڇهل منهنجو نينهن ڙي!!
ساگر جون گهرايون،
ڇولين منجهه اڇل،
اُڇهل منهنجو نينهن ڙي!!
يادن جي هان ٻوڏ ۾،
پرهہ ڦٽي مهل،
اڇهل منهنجو نينهن ڙي!!
عڪس اندر ۾ تو لڏي،
جيئن ڪينجهر ۾ ڪنول،
اڻ ڇهل منهنجو نينهن ڙي!!

***

منهنجا ٻوسا ماڪ ۽ تنهنجا ڳل رابيل!
پرين پرهہ ويل!
جڳ جڳ مٺبي جُوڻ پئي، ٿيندا مُڪا ميل!
پرين پرهہ ويل!
چاهت توبن تي ڏنگي، جڳ سمورو جيل!
پرين پرهہ ويل!
نيڻ ننڊاڪا سحر ۾، ڪجلا تيل ڦليل!
پرين پرهہ ويل!
پاتا ڦوهہ ڦلهار ۾، نينهن انوکا نيل!
پرين پرهہ ويل!

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو چنڊ آ آڀ ۾، ٻيو تون جهوليءَ ۾!
نڪريا سڀ رنگ اندلٺي.
جملا ماڪيءَ لار ڇڻ، تنهنجي ٻوليءَ ۾!
تو ڪٿي ڏوران هٿ چمي، پياري ڳالهه پروليءَ ۾!
آزادي جي آس آ، ڇمڪي ڪوليءَ ڪوليءَ ۾!
نيڻ سمنڊ جيان ڇلڪندڙ، ڇوليءَ ڇوليءَ ۾!
جيڏي سگهه آ ڪلڪ ۾، ناهي گوليءَ ۾!
نڪريا سڀ رنگ اندلٺي!

***

هيڪل آءُ سکي!

ڪنڌي پايان ڪوڙڪي!
پورهيئي ڪاٺ ويو پرين، لونءُ لونءُ لوري لڳي!
محب پڃاٽا ٿي وئي، ڪنڌي ساري جسي!
هيل به سانوڻ سوڳ ۾، تر ۾ ٽوُنس تکي!
هن جي روح رهاڻ آ، ڦٽن ڪاٺ ڦڪي!
شال وري هو سيڳهه ۾، يادن آءُ ڪکي!
هيڪل آءُ سکي!
ڪنڌي پايان ڪوڙڪي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاڇو

هڪڙو آ ڪاڇو، منھنجي ساھ سرير ۾،
ٻيو آ پاڇو، تنھنجي پيار پريت جو.
*

جنميو مونکي جڳ ۾، ڪاڇي ڌرَ جي ڪُک،
پاڻ ٻنھي سان سُک، ڪڏھن ناھي ٿاھ ۾.
*

ڪاڇي پيو ڪالَ، ٻگهڙ گھمن ٻک جا،
ماٺھو توڙي مالَ، نچکن اُچ جي آڳ ۾.
*

نڪي ٻُو نہ ٻُور، نڪي ڪنڊيءَ ڪانھ آ،
ڪيا ڪال ڪلور، چوڏس رڙيون رُڃ جون.
*

ڪڪر ڪاڇي ڪان رُلين، چالھ تون چاڪاڻ،
ٻيلي! اوتون آڻ، ابر آب حيات جون.
*

بادل تا سارينَ، ڪڏ ھرٽيون گاڃ تي،
آيا اوڪاسين، اُجارا آڪاس ڏي.
*

نہ سي مکريون موج ۾، نہ سي قيش قڙھا،
پون لوءِ لڙھا، ڳوناٺن کي ڏک جا.
*

نہ ڪي ولر وڳ ۾، نہ ڪي چنگ چڙا،
جھريل جھوپڙا، جھانگيئڙن جا جھوڪ ۾.
*

پنڪن پولترا، تڙپن پٽ تتر،
ڏسن ڪٿي آيِ ڏي، ھرڻ ڪڏ نرا،
آگر آسرا، تو ۾ ڪاڇي لوءِ جا.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽڙ ٽڙ ٽيءِ طوفان

ڪيرٽر جي چوٽ ڪي، چنڊ چُمي، چمڪي،
ڪوڪا ٿو نوڪي، ڏڪر ويلي ڏيل ۾.
*

سرچي سانوڻ نيٺ ته اچي ڪندو اوت،
جرڪي پوندي جوت، جيون سندي جُوءِ ۾.
*

(۱)ڪترڻ ناھ ڪنڌيءَ ۾، ڪڙي ناھي ڪپ،
سِنگھيو ڏڪر سپُ، سُڪر ڪي هن سال آ.
*

ٻسو چوڏهين چنڊ، جَسي اُن جي چاندني،
ڏڪاريئي هن ڏيھ ۾، جيون چڻ ڪو جنڊ،
وچون ڏنگن ڏک جا، ڪيئن ڪو موهي منڊ،
هيل پروڪا پنڊ، اڃا نه آباد ٿيا.
*

ڪنوڻ جڏهن ڪنوي، گوڙڪ ڪاري ڳاج تي
ڪيڏي تنهن سمي، ڪنڌي ساري ڪوڏ ۾.
*

پورهيئي لاءِ پري ويو، لوري ڏئي لالڻ،
سال به سال تي مان سڪان، پنهنجي ور ڪارڻ،
ڪامڻ ڪاچيلڻ، ڇاجان هيڪل لوءِ ۾.
*

هڪ ڏڪر ٻيو هيڪلي، ٽين ساجن تنهنجي سار،
هاڻ ته واڳون وار، ماڳ ونو آ موج تي.
*

ٻکن ابھر ٻار جو، ڇڏيو منهن روڙي،
پاروٽو ڪائي ڳيو، پاٽيءَ ۾ ٻوڙي،
نڙيءَ ۾ انڪيل ڪرنھ، ڳيتون ڏئي توڙي،
سانوڻ شل جوڙي، رشتا ڪاچي رچ سان.
*

اڳي ايندو هو، سانوڻ ساري ساٿ سان،
اوتي ڏيندو هو، جوتون جيون جوت جون.
*

۱- ڪترڻ: سرهو ٻوٽو، ٻوڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تر وسي ڪاڇو وسي، وسي سموري سنڌ،
اڄ پڻ منهنجي اندر ۾، سرجي ساڳي سڌ
الا ! وڏ ۾ وڏ، ڌرتي سرتي سبز ٿئي.
*

سانوڻ ساٽ ڪيا، جهڙ جهجهيرو جام آ
ڊلڊو ڊورا ٿُمر ٿيان، ٻنا ٻند ٻريا،
وڏا وڙ ٿيا، سارنگ جا ساٿيهه تي.
*

ٻٽجي لاهيارو، ڪڏهن ڪمي ڪاسبي
اجرت لئه در در وڃي، لٿي لاهارو،
من هي تاسارو، سينو سک تنور ۾.
*

ڌهڪائي ڌڪار، ٽاڪ سموري ترٽلي
هيل نه سانوڻ سار، لڏي ڪاڇي لوء جي.
*

ڪنڌي اوڪاسي، اُپي ڌي آس اميد ۾
پسجي هر پاسي، هاسو واسو رڃ جو.
*

ڪنڌي ساري ٿوٽ، سرڪ نه ڪٽي سنجري
نه ڪي تِر نه موٽ، نڪي جوئر ٻاجهري.
*

اڇي اوهيرا ڪري، بادل جي برسي،
ڪاڇيلن جي هي ڪنڌي، سڪل ٿوٽ تري،
ٻيهر سک وري، سور سٽيل ساٿيهه ۾.
*

سانوڻ تو سارِينَ، ٻينڊ ٻتر ٻرٽاٽ سپِ
آسروند تو آسرِي، نپ ڌي نهارِينَ،
پاٽي تون پيارين، اڇي اڄ اُساتَ ۾.
*

سانوڻ تو سارِينَ ٽا، ماٺهو مال متاع،
پڻن ۾ پڙلاء، آهيون ابر آسري.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏماڙي (۱)ڏلهڪي، ڪانڌ پچايان پنڌ تي
پورهئي ڪارڻ پر وئين، ساريان تي سڏڪي،
ڊاءُ پر دل ڌڙڪي، هوندين ڪهڙي حال ۾؟
*

تن من تنهنجي لاءِ تو، تانگهي ۽ تاتي،
ڳاريا ڳچ وجود جا، ڳتتي ڳاراتي،
الهه تو آتي، ڪانڌ ڪاڇي ڪنديئين.
*

وانگي واجهائين تا، پاڻي ڦڙي ڪاڻ
مولي! آگر آڻ، تہ ساجن موٽي سيڪهہ ۾.
*

اڄ تي ڪنوي ڪنوڻ، ڪورڪ ڪاري ڪاج تي،
ڪري ڪاڇي آئيو، سانوڻ سناٽ سنوڻ،
ڏڪر جي هڻ ڪڻ، مرندي سُڪر موج ۾.
*

ارهي، سَرهي تي ڪنڌي، وسڪاري ڪان پوءِ،
ڪاڇو شل ائين هوءِ، سال بہ سال سڪار ۾.
*

پهرئين وسڪاري وسي، آنديون خوشيون ڪوڙ،
ڪاڇيلن جي ڳچيءَ مان، نڪتا ڏڪر نوڙ،
اجا اڳتي توڙ، سانوڻ مس آ منهن ڪڍيو.
*

سانوڻ مُنهن آهي ڪڍيو، جهريل سب جهڳيون،
آفتون اڳيون، نہ آڻج مولي آڳرين.
*

سارنگ اڄ سَنبَري، ڪلندو آيو ڪيرٽر
ڳاج ندي ڳونجار ۾، ونو خوب وري،
اوج تي آهہ پري، ڌرتي منهنجي ديس جي.
*

لاتي آ اڄ وڄ، بادل نيري نڀ تي
لهندي ڀيهر اَڄ، وطن جي وسڪار ۾.
*

۱- ڏهلڪي: ڳوڙها ڳاڙي، سڏڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسي ڪڪرن ڪاھ ڪي، پھڪيا منجھيل مک،
ڏک ويا سڀ ڏڌرجي، سسهين ٿيندا سک،
ٽولس سموري تِک، سوڙھ لھندي سير تان.
*

ساوڻ ھيلوڪي، ڏوتو دل تي ڪيرٽر،
ڪڪر راتوڪي، اوتي بارش اوج تي.
*

سختي (١)"لوڙيءَ" "ساوڙي" "ويڇي" پٽ سڻي،
"بڪر" "سيوي" ۽ "بريءَ" ڪاڍي اَڇ ڏڻي،
منجز موج مڻي، مولي شل ماڻائتي.
*

ڪاڇي ونا مينھڙا، ساوڻ ڇڻ مڪش،
ڪيڏي آ دلڪش، رونق وس وسوڳ جي.
*

آلي ڪھوءَ ڏار تي، ڪوئل تي ڪُوڪي،
تنھنجو اوسيئڙو پرين ماريندو مونکي،
ساريندي توکي، ساوڻ گذريو هيڪلو.
*

تو بن تنھنجي تات، آندا آھن وڏ ڦڙا،
راتوڪي برسات، نياپو تنھنجي نينھن جو.
*

پڳو ناھي اڄ پرين، تون تو ڪلين چند،
شايد آيس ننڊ، يا پوءِ روڪيس بارشُن.
*

آئينءَ منھنجي تون اگڻ، ڪيڏا ڪيئي وڙ،
ڪنجي ويئي جڙ، دل جي ساري درد جي.
*

(٢) "سول" "ھليلي". "تڪيءَ" تڪو وھڪرو
"ڪنڌالي" پڻ چوھڙ ۾، ھاسو "نئيگ" "نلي"،
پرجي پيون سڀ ڪاڄ ۾، جا وھي تار ھلي
منجھر ساڻ ملي، پلتيئون موج پلر جي.
*

١- ڳوٺن جا نالا ٢- ڪاڇي جي ڪجھه نَين جا نالا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ترُ ترُ تعيءِ طوفان

دردن واري دانهن، منجهه ڏلي مينهن کي
ڪرڙ ڪانڌيرا پيٽ ۾، ڦٽا ڪوڙين ڪانهه،
لڳهندي من پرانهن، پر گهورين من پياس ۾.
*

ٻڏو مس ڪڪر، منجهه واري دانهن کي
چڙهي آيو چاهه سان، برسايائين بحر،
ٻڏا پياسي پيٽ ۾، پنيون سارا سر،
جيئيون جانيون جر، ٺري ٺڏيون ڳگ ٿيون.
*

ماندي من مُرڪي، رڏل ڪير ولوڙ ۾
ڪاچي سک ڪهي، اچي لڌي سار آ.
*

ڏوران آئين ڏيهه، بادل ڪهي هيل تون
پرين منهنجو پر ويو، ڪمائڻ پرڏيهه،
وڇوڙي وجود کي، چني ڪيو چيهه،
راڻل ڪڏهن ريهه، ايندو ٽٽل ڏيل کي.
*

بادل گهڙي بيهه، ڏي نه ڇوها چال،
ساجن منهنجي جو ته ڪر، سربستو احوال،
جنهن جا خواب خيال، رچيل منهنجي روح ۾.
*

رڳو منهنجي روح ۾، ٽُنهنجي تند تنوار،
ڪاڇي ۾ وس جو ٻڏي، ڪرِ ورڻ جو ويچار،
لونءِ لونءِ منجهه لغار، سنڌ سنڌ ساڻو سک ۾.
*

ڳاريندڙ (۱)ڳيڙو، بارش ڪٿ بهار آ
ڪٿ سرهائي ورڇجي، ڪِٿ ٻوڙي ٿي ٻيڙو،
مون ياڪر پيڙو، مولي ڪر محبوب کي.
*

مارن وٺا ماڳ، ڦٽي جوئر جام آ
سرنهن لهندا ساڳ، ڏوڏو ڏوءُ تي ڪائبو.
*

۱- ڳيڙو، لڳاتار، ٺنگ ڪندڙ ڦڙ ڦڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍوڍو ڊوڙ تي ڪاٿبو، ٿيندا ان خرار،
ڪوڙين ملندا قرار، ڪاڇيلن جي من کي.
*

ڪاڇيلن جي من کي، ملندا ساءُ سُڪونَ،
جذبا جوش جنون، هر در هر گهر جرڪندا.
*

هر در گهر ۾ جرڪندا، تجلا تيل قليل،
سرنهن جانيا هيل، جام ٿنا هن جوءِ ۾.
*

جوئر جو ڍوڍو، وڻيءُ توبيءُ تي وڏو،
سرهو تي سنوڍو، ڪاٺي مکڻ ساڳ سان.
*

مکڻ سان ڍوڍو مکي، ڏهيءُ ڪاٺي ڏڌ،
سالن ڪان هئي سڌ، سنگهارن کي سک جي.
*

پرهه ڦٽيءُ ويل جو، ولوڙن آواز،
فطرت ڇيڙيا ساز، ڪنڌي ڪٽي جڻ آجيان.
*

پريا سارا پٽ، ساوڻ جي برسات ۾
کير مکڻ اڻ کٽ، هر گهر ساءُ سڪون ۾.
*

سڄڻ سکهو موٽ تون، آئي ساوڻ رُت،
پاڻ ڳهين پيو هُتِ، آءُ ڏکي هِتِ درد ۾.
*

ڪيتر ٻٺجي تون ڪمي، ڏور جهورينديون جيءُ،
آءُ پلر تون پيءُ، پيار سندي پالوٽ جو.
*

ڪاڇي ٽر جي ڪاڻ، آئي بارش امرتون،
پَر جي جهڳيون جهڻ ٽين، تڏهن ڪُل ڪڙاڻ،
ڪڪرن جي ڪاراڻ، شال نه اوتي زحمتون.
*

ساري سنڌ مهراڻ، ڇلڪي ڇوليون ٿي هٽي،
الا! هاڻ نه آڻ، سُرڪ به ساگر وانگيان.
*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڳين پاڻي گهيريو، متان وسي مينهن،
جر تو ڪاٿي ڄُوڄڪيون، لهرون ڪيهر شينهن،
الا! اهڙو ڏينهن، ڪيئن سهنجو ڪاٽجي!؟
*

رهي نہ ان جي لپ، اجهو لوڙهيو وهڪرن،
جهورين هنيا جهپ، جهوراٽي ۾ هر جُهڳي.
*

جهوراٽي ۾ هر جهڳي، جهر جهنگ جهوري جهات،
هيلوڪي برسات، آنديون آهن زحمتون.
*

ٻنجي تي بارش، رحمت عيوض زحمتون،
آپ ڪئي سازش، ڀُونگن سان ڄڻ ڀونءِ تي.
*

منڇر هئي جا سوڪ ۾، ٻٽي هيل اجهاڳ،
ٽوڙيئين بند ۽ سرحدون، ڇلڪي تي ڇڙواڳ،
فصل ٻوڙي ماڳ، مارو وڌئين مامري.
*

ڳاج لٿي ڳجگوڙ سان، منڇر ڪهڙو ڏوهہ؟
توڙي رنڊڪ لوهہ، تہ بہ پاڻي ويٺي پهر ۾.
*

پڳو ايف پي بند آ، پاڻي ڇٺوڏس تار،
گهر گهر گهيريو ٻوڏ ۽ جهڙ ڦڙ لڳاتار،
جهري ڳري مامتا، ٻڪ ۾ روئن ٻار،
ڪاٺيون پاڻيءِ هار، ٻري ڪيئن ٻوءِ باهڙي.
*

سال ڏکيو اوٺيهہ، سئو ۽ پنجاٺوي
سهنجارو ساٺيهہ، اچي ٻوڏ لپيٽيو.
*

نہ ڪي ايڏيون بارشون، نہ ڪي جهڙ ڪڪر،
(۱)خضداران، ان آئي ڪٿي، اڻ ڪٽ ڳاج بحر،
منهنجو سارو تر، ٻوڙي ٻوڏ اجاڙيو.
*

۱- خضدار، بلوچستان جو شهر جتان جابلو نيون وهي اچي ڳاج ۾ پون ٿيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ٽڙ ٽڙ تي طوفان

صديءَ جي تاريخ ۾، آئي نه اهڙي ٻوڏ،
هاڃو! ههڙي هوڏ، جهورڻين جهانگي جهوپڙا.

*

رنڊڪ ٽوڙي روڪ، آيو پاڻي اوچتو،
مڙيا مارو لوڪ، بيوسيءَ جي حال ۾.

*

جهريا جهانگين جهوپڙا، لڙهيا مارن لاش،
روئي ڏٺو آڪاش، اهڙي منظر موت تي.

*

پاڻي آيو ڳاج جو، ٻڌجي ڇڻ طوفان،
حيوان ۽ انسان، آتا، آڃو ساهه ٽٽي.

*

پاڻي پُرپَه تار، ڇَرُ جو انت نه پار ڪو
ٻڌا ابهم ٻار، ٻاڪاريائون ٻاجهه ڪي.

*

ڇوليون مارِن ڇال، پينگهو پاڻيءَ وچ ۾،
ڏٺو ٻالڪ اپ ڏي، روئندي تي بيحال،
ڇڻ تي ڪيائين سوال، مولا! ماءُ پيءُ ميڙئين.

*

نالو ناهه نشان، ٻوڏ ميساري دنگ وئي،
الا! هي انسان، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟

*

توڪي پاراتا ڏيان، دل ته چوي ٿي ڳاج،
ليڪن ناهي هاڃ، هن دل نرم حساس جو.

*

اڃي راتو واهه، ٻوڏ ڳهرن ڪي ڳهيريو
ڪنهن ڪي ڪهڙي هئي خبر، بند ٽٽو بي ڳاهه،
وڻن تي ماڻهن چڙهي، ورتي نيٺ پناهه،
اڀريو سورج سور جو، اهنجي هرڪا آهه،
هيٺان پاڻي الميو، مٿان ٽنهڻ باهه،
ٻڪون هر هڪ پيٽ ۾، ڳاهن بيٺيون ڳاهه،
ڳولي پيو جنڊان ڪي، ٻڪ ۾ جيون پاهه،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاتل پاڻي ٻوڏ ۾، ڪائي وات نہ راهہ،
موت نچائي ناچ پيو، چر ڪي ڏيئي ڇاهہ،
هر ڪنهن مٿ ۾ ساهہ، آڏو موت اچي پيو.
*

توکي ڳاج گهٽا ڏيان، پٽان پاراتا
آٽي اڻ ڪٽ آب تو، ڳوٺ شهر پاتا،
ڳولن هاڻ پناهہ ٿا، آزاريل آتا،
ٻول مگر ٻاتا، لفظ ڪو اڪلي ٿي نہ تو.
*

خوشحاليءَ جي سدا، ڳاج علامت تون
اچين تہ آباد ٿئي، ٻاڳ ٻلاري ٻون،
آيون تنهنجيون موت ٿي، هيلوڪيون اوٺون،
جهانگيئڙن جهوتون، ڪاڏيون ٻچي جندڙي.
*

ٻوڏ اچي تو اوچتو، ڏنو راتاهو،
واجهائن وانگيئڙا، سيڪ نہ سانباهو،
ڇو آ اولداهو، سچ جمهوري جرڪٿو!؟
*

سانوڻ (۱)سانگهارا، هيل ڪيا هن ڪينڪي،
ٻنا ۽ ٻارا، پرِيا دل تي بارشن.
*

سڀ ڪجهہ آهہ عوام، نير اگهاڙو ري اجهي
پاڻر منهنجا پينرو، هر هنڌ هر جا هام،
ڪڙڪيو موت مصيبتون، ڪين پريائون ڳام،
مون بہ پروڙي مام، ڪرسي ڪوڙ سيڪاريو.
*

درد ڪٿيان سي ڪيئن، جيڪي سرجيا ساهہ ۾
اندر اِڏما اڳڻيا، اڻ جهل ساگر جيئن،
مهڙو هاجو هيئن، تر ۾ ڪڏهن ڪين ٿيو.
*

۱- سانگهارو: پاڻي جي ڪوٺ وقت پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ نار روڪڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏي وئين حاڪم سخي، ڪاٿي قول سخن،
لوءِ سموري ٻوڏ ۾، ٻي گهر ٻڪ مرن،
ماڻهو لٿهڻ اس ۾، ڦلن وانگي ڀڄن،
مارو لوڪ پڇن، تو چو اکيون پوريون؟
*
بادل اچي برسيو، گرجي مٿان گاج،
ٽيندا ڍير اناج، ڪاڇيلن جي آڳرين.
*
ڪڪر ڪارونيار، ڪاهي ڪاڇي ڏي هليا
وچي ڪندا واهه جو، وڏڦڙو وسڪار،
ٽيندا انَ انبار، ماروئڙن جي ملڪ ۾.
*
پسجي ٿي ساواڻ، سنڌ سموري سبز ٿي
سارنگ تو سرهاڻ، پکيڙي جهر جهنگ ۾.
*
ڪاڇو ڪاڇيلن سندو، وٺو آ هن سال،
مارو ڪاهي مالَ، ورندا واپس ماڳ ڏي.
*
(۱)"هيرو" وٺو "ڊرگهه" وٺي، وٺي "ٽوڙ" "بٺي"،
"شادڻ" "واهي" "شاهه حسڻ"، تان لوري لڪ لٿي،
"ٽنڊي" "حاجي خان" ۾، وڏي ٻاجهه ٻَڪي،
"راڄي ديري" "نئيگ" وٽ، خوشي پاڻ پکي،
"جوهيءَ" ۾ جولان پس، جهوري آهي جهڪي،
"ڇنيءَ" تي ڇڇڪار ٿيا، بادل پيو برسي،
منڇر موج متي، مُرڪن محب ملاح پيا.
*
دل تي آهه وٺي، ڪنڏي ڪاڇي جي اُجي
ڏڪن ڏيل ڏري پيا، وِيڙا مونجهه لهي،
ماروئڙن مهي، پيتي موڪيءَ منڌ جيئڻ.
*

۱- ڳوٺن جا نالا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽڙ ٽڙ ٿيو طوفان

اڇن صبح سوير، واڇٽ ولوڙن سندا،
چڙيا ساز سرود ڇڻ، ٻڌي ڇپرن ڇير،
ڇنگ ڇريا ڇنوڦير، هر هنڌ منڊل مهڪيا.
*

”ڳري“ ”ڳورک“ ”ڪيرٽر“ جي سائي ٽي ماٿر،
سرس سرنهن ۽ توريا جوئر ۽ ٻاجهر،
جيڏهن نيڻ نظر، تيڏهن گل گلزار آ.
*

اوير ڪان ٻيڙو، آيو ڪي آيو اجهو،
بادل پانڌيڙو، ڪاڇي ڪنڌي پار جو.
*

اوتڻ لئه آتو، سانوڻ ڏسجي هيل ٿو،
ڪاڇي ڪنڌيءَ تان لٿو، ڏڪر پاراتو،
گاج گجي ڳاتو، گيت ميهوڳي مند جو.
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿر

رڄ هتي ريهون ڪري، ٿر ڏڪاريو هيل،
ٻڪن جا پِٽن مٿان، ڳهمن پيا ڳهوڙيل،
پيٽ ڦري پياس جي، هر گهڙي هر ويل،
الا! اهڙو وئيل، ڏسي نہ ڪاتي ڏيهہ ڪو!
*

ڪوڪون ڪُرڪن چئوڏسا، ٿر ٿيو آ ويران،
الا! ڪو انسان، ٻولي نہ ٻولي ٻاجهہ جي.
*

گونگا ٻوڙا ڳهل، سٽن نہ ڪائي دانهن ٿا،
سڏڪي سسڪي جيوَ پيو، ڪٿو ناهہ ڪهل،
موت جي هن مهل، مرڪن مانگر مڇ ٿا.
*

ڳهمي پيو راڪاس، موٽ، مري ٿي مارُوي!
مارن خالي ماڪ ٿيا، سارو ٿر اُماس،
اندر آس نراس، مارو ڪڏهين موٽندا؟
*

مارو مال متاع ٿيا، ٻڪن ۾ بيحال،
ڪيڏو ڳرو سال، ڪڙڪيو ٿر جي ٿاڪ تي.
*

ڪارونجهر جي ڪور تي، ماندا مور مرن،
پرڙا هٿي پياس مان، ڊيلون روز ڊڪن،
آئي تن اُڃن، امن ڏيئي ۽ آب ڪو.
*

برسين من بادل، پرگهورين شل پياس کي
ٿر تي ٿئي ٿاڌل، سائو ٿئي ڪاڇو ڪڇو.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترڙ ترڙ لڳي طوفان

ڏلهڪي ڏلهڪي ڏک مان، ڳوڙها ڳل ڳڙياس،
تِج تَنَ ۾ ڪانءُ آ، اٿلي نيڻ پياس،
جگر ٽڪري هنج ۾، ڦتڪي دم ڏناس،
ڪيڏا ڪيس ٿياس، ڏکر ڏک ۽ ڏول ۾.
*

ڪرب منجهارا ڪربلا، سنو هڪڙو سور،
هر سن ۾ ناسور، ڏکر جا تر ڪي مليا.
*

ونئي تر جي تاڪ آ، وڏا ٿيا وسڪار،
دلبر منهنجي ديس ۾، ٿيندو سرس سڪار،
ڪڙيا ڪنهار، پٽ پٽ ساوڪ سونهن جي.
*

چمڪن پيا چٺونرا، ونڻ لِنڻ ويا هِن ڏوپچي،
ونئا اوهيرا ڪري، ٽب جا نيسارا،
واڏايون وانگين ڏنيون، ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا،
درد ڀريا ديرا، سانوڻ ڏوئي صاف ڪيا.
*

خوش ٿي ڪليا ٽهڪيا، ٻيا توڙي ٻار،
مرڪ مٿي هر مک تي، ٻهڪيا سڀ ٻيهار،
پسي ميگهه ملهار، ٽريا موٽيا تاڪ ڏي.
*

جرڪي سڄي جُوءِ تي، ڏسي سانوڻ ساٿ،
آڳر سندي اپ سين، پنيون پٽون پرٿاٽ،
ڪال لٿا ڪاٺ، ڏرتي پاتيون جهومرون.
*

سرهي ڌرتي تي جهجهي، ڦٽا ساوا ڪاهه،
اکهي عرش عظيم تي، اکهن سندي آهه،
موٽيو سانوڻ ماهه، مرڪي هر هڪ ماروي.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيھ ڪري تي ”چاچري“، ڪڙڪيو پس ڪڪر،
اٿو ”عمر ڪوٽ“ ۽، ”مٺي“ ”ڇور“ ”نگر“،
ڏٿ مٿان ٿيو ڏيپلي، وسيو ڪپرو تر،
پسجي چر ئي چر، منھنجي ساري ملڪ ۾.

*

ٿر وسيو آ خوب تر، ٿيا للر ۽ لاٺا،
ڏڌ ڏھي تي المئي، کير مکڻ چاٺا،
اجھا اباٺا، جرڪن جھومن جُوءِ ۾.

*

وقت وڏي ڪان پوءِ آ، وسيو ٿر ھن سال،
مارو منھنجا مال ولد، ڪاھي ايندا مال،
سکيو رھي شال، دردمندو ھن ديس جو.

*

پنل پٽن جي مٿان، ٽھڪي ٽليا مور،
ڪارونجھر جي ڪور، ڏيلون ڏکن ڏنب ۾.

*

وسيا سڀ وٿاڻ، وانگي منھنجا سڀ وريا
سڄي ٽاڪ اوطاق ۾، ھلندي روح رھاڻ،
قدرت ٿر جي سونھن تي، ھرکي پوندي ھاڻ،
اکڻ ھت سرھاڻ، ڦھلي سرنھن ڦلار سين.

*

ڇيلا ڇيڪ چرن، گورا گھمن گور پيا
وانگي شاد وطن جا، ھميشہ ھجن،
ڏيھہ نہ شال ڏڪارجي، مور نہ ڏک ڏسن،
رھاڻيون رچن، ھر پل ھر ھڪ پڊ تي.

*

جھانگيئڙن جا جھوپڙا، جھرڪن اڄ جھجھا،
بکن اڄن ڏک جا، لٽا ڏول ڏنجھا،
ارھا توڙي اگھا، سرھا سڀ سنگھار ٿيا.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏولاون جا ڏيھہ تان، تڙڪي طوق ٽٽا،
ڪيا ڪال ڪٽا، سرها ھاڻ سڪار ۾.
*

ڦٽن ڳمر ڳنڍير، لنب مَريڙا (۱)جِهلڙيون
ڏائو مال متاع ٽئي، ڪوڙ ڏيجي ڪير
مهي پئين مير، ڏٽ ڏماڙي ڏيھہ ۾.
*

ٻريون ٻاڪ ڦٽي، وايون ڪير ولوڙ جون
مڏر مڏر سر چڙيا، جيون جوت جهٽي،
پرت اک پٽي، پيهي منجھہ پنهوارڪي.
*

ڍوليا مارو ڍول، شال رهن آباد سي
ونڊن ورچن پاڻ ۾، خوشيون پيري جهول،
الا ! ڏک ۾ ڏول، نہ پسن جهانگي جڳ ۾.
*

۱- جِهل، ياجي طور ڪمر ايندڙ گاھہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# متفرق

مور نہ اھڙو آءُ ھان، ڏِنگي ڏات نہ ڏانءُ،
ڪٿان آڻيان تانءُ، ماپيان تنھنجون محبتون.

*

ڪنيون جنھن ويساھہ، پورھيت جي جاکوڙ تان
ان جو شايد ڪوبہ نہ، ڪٿ قبيلو آھہ،
اندر جو اُتساھہ، پورھيو مانُ مَھانتا.

*

ھيمو ڪالاٽي ڏني، جرڪي جوت جَھجِھي،
سُرت سونھن سَجِي، سرس ڏنائين سير ڪي.

*

ھرڪو آ ھيمو، ماڻھو منھنجي ڏيھہ جو
پرڪي پسيا سون، دولھہ دودا ديس جا.

*

گتيءَ ڪارڻ گيھہ، لاتي تو آ لوپ ڏي
توکي لڄ نہ (١)لِيھہ، تنکي مُلھہ وڪامجين.

*

موکي ۽ متارن سندي، ازلئون ريت پريت،
ڪندا ڪيئن ڪُريت، جن وٽ سڏون سُرڪ جون.

*

جوڙ اچي تون من، جاگرتا جاکوڙ سان
ڪٿو ڪٿي سان ملي، ڏاڍا سب سنھن،
يکي اڏ منجھن، ڇڪجن پاڻ ڏي ڇوھہ پر.

*

ڪانا يکي اڏ جا، پيچي تي بيھن،
ڪيڏي ڏک ڏين، مانجھي ڏرتي ماءُ جا.

*

١- لِيھہ: شرم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تڙ تڙ تعيہ طوفان

مانجهي ڌرتي ماءُ جا، ملي تيڙا هڪ،
ويچا سب وساريئون، سانديي من ۾ سڪ،
رت مليو آ رت سان، منجهان وڏي چڪ،
وڃي ويندو نڪ، منافق مردود جو.

*

منافق مردود جو، ڪاڇي ويو آ هاڻ،
ڏڪٽي وتس ڏيل ڪي، ڪنبيو ڪانئر ڪاڻ،
ڪتان آيس ٽانءُ، جو سهي ايڏي سوڀ ڪي.

*

پيڙم نيڻ نري، ايڪي ٻڌي اتحاد تي
پنهنجي ذري ذري، وڻيي ويڙهہ وڙهاند سان.

*

سات سڃاتو سڱ، جهانگيئڙن جو جوش ۾
لرزيا لڏيا لڱ، جابر هاڻ جلاد جا.

*

ڪيو ويرَ وچن، ويڙهيچن جي وير جو
ڀڪيو پيا ڀڪن، مارو منڙي ملڪ جا.

*

ڪينجهر ڪارونجهر، ڪاڇو لاڙ سرو ڪليو
پرت پسي آ ڪيرٿر، مرڪي هوءَ منڇر،
ڪرڙا موڙي ڪر، رکيئون لڄ لطيف جي.

*

ڏراڙن جي ديس جا، پيڙن ڪن تي سڌ
هاڻ نہ هڪڙي تڏ، سهي سکهندو پاپ ڪا.

*

ڪپي وڍي ڪوريا، جڏهن ڪانير ڪنڌ،
تڏهن سرس سگهنڌ، آزاديءَ جي ڦهلبي.

*

جڏهن ويندي ڦهلجي، ساٿي هت سرهاڻ
مُرڪندو مهراڻ، گهر تر سارا مهڪندا.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙپيم ناڻ ديس جي، پنهنجي ساري ذات،
آهي نينهن ازل جو، نئي ويسهه ڳهات،
وائي رهندي وات، ديس مٺي دلدار جي.
*

سمنڊ ڏنم سوجهي جڏهن، ادب جو اجهاڳ،
لڳو محب مهاڳ، ساهت ۾ ساجاهه جو.
*

سنڌ تر ڪاڇو ساهه ۾، شاعر هيءُ مهان،
ادب جي ميدان ۾، هن جو پڻ احسان،
جيڏو منجهس ماڻهپو، تيڏو آ انسان،
جيڏو جڳ جهان، تيڏو سندس دائرو.
*

جيئين ڪاڇو سوڪ، سينو تيئين سوز ۾
ڪتان ڏيندو لوڪ، تنهنجو ساڻ سواد ڪو.
*

توکي آءُ مٺي، ڏيان پائي ڳل ڳراٽڙي
شايد هيءُ ڪٺي، هوندي گهڙي آخري.
*

"ڪاڇي ڪاهيائون، سچ ڪـ سنگهارن لڏيو؟"
سهڪو ڍهڪو ساهه جو، سوچي سُڻائون،
سنڌ سان گڏ آئون، ڳاڙيان ڳوڙها رت جا.
*

اڙي موت مر، آڪهه ويڇي ڪم تي
تو وٽ ڪائي ماڻهپي، لئہ ناهي ڊر
ڪرين شل تون ڪر، ديد نہ تو وٽ درشني.
*

"مڪسي" ۽ "استاد" پڻ، ڦريو توئي "فقير"،
جڳ جڳ رهندا جرڪندا، روشن ذهن ضمير،
تن جي سڪ اُڪير، سنڌ ۾ هوندي ڪي صديون.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او! تون موت مري وئين، خوش ٿي هڻ نه ڪِڪِي،
مرڻا ناهن سي امن، نِڳي تو نه تِڪِي،
تنهنجي ميس مڪِي، ماري اڻ مُلهه ماڻهپي.
*

جيڪر منهنجو وس هلي، موت ڏيانءِ مروڙ،
تون ته لسورو ڪوڙ، سرت ڳڙڪيئي ساهتي.
*

جيڪر مُنهنجو وس هلي، موت پچئين دوناڙ،
ڪيهون ڪرين ڪوڪرا، ريهون پوَنئي راڙ،
ڏاڙ مٿان چو ڏاڙ، لاٿئي سرت شعور تي؟
*

جن تي وچايا گهنڊ ها، روزانو جاڳو،
ڏک سک ۾ تن قوم سان، نينهن رکيو ساڳو،
هي موت اياڳو، نه اچي ها ائين اوچتو.
*

اچن لک الزام، ڪانيارو هان ڪينڪي
پرهه جو پيغام، ڏبو هر پل هر گهڙي.
*

پرزا پرزا امن، چڙي جنگ خليج ۾
انسانيت جا لوٿڙا، لهرن منجهه لڙهن،
ڏر ۾ آپ ڏکن، بارودي برسات ۾.
*

امن تاري جهنب ۾، ڪتل ڪنيڙاتيون،
آيس رت جون التيون، پاتئين بولاتيون،
پُرڪي پنواتيون، ڪاڏيون ڳيري خوف ۾.
*

وسندين وستين تي وسيا، ميزائيل ڳڙا،
چيهون تجاريون چاتيون، پکڙيا لوٿڙا،
هٽندي هونگڙا، هڏڪي پرن پارڙا.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نار ٻٽيو آ ڪُرهه، جنگي موت جنون جو
مڙهه مٿان تو مڙهه، سڙجي سوڙهه سنگهوڙ ۾.
*

ٻالڪ پيرن هلڪيون، اُڀ ڏي ڪنڌ اک،
اوڏو هوندي ساهه کي، تون ڇو چپ الڪ،
ٻي ڏوها هت ٻڪ، ٻٽياسين بارود جو.
*

عرش تي عزرائيل، ڪيو احتجاج آ
هيڏا هاڃا فرش تي، ڪن پيا ميزائيل،
آدم عزازيل، ٻٽيو آهي پون‌ءَ تي.
*

”هڻ پالا وڙهه پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار“
هت تہ بمر بارود جو نہ ڪي انت نہ پار،
پالا پاڪر ٻرڇيون، ٻيوس تيغ ترار،
ڪروز اسڪڊ تارپيڊو بمباري جيڪوار،
وڃي پون‌ءَ رک تي، ڪافي هڪڙو وار،
جيوت جو واپار، ميزائيلي مينهن ۾.
*

نور پيري آ نرت ڪي، اورانگهيو اونداهه،
ميزائيلي مينهن جي، ڪانهي ڪا پرواهه،
اُڀ الا ۽ ڌر فضا، تتل ڌر آڙاهه،
ورڻ آهه وٺاهه، سوبَ سواءِ سپرين.
*

دنيا منجهه عوام، چاهي امن آشتي
سوداگر سر ساهه جا، ڪن پيا قتل عام،
وسوسي وڍيام، تہ سيڪ نہ اچي سنڌ کي.
*

سيڪ نہ اچي سنڌ کي، جا اڳي منجهه آ جهار،
لڙهي لاڳاتار، اذيت ڪرب عميق ۾.
*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُساما افغان، يا تون اصل عرب آن؟
پر تون هڪ انسان، نالو جهد ۾ جستجو.
*

ڏرتتي جو دانهن تي، لرزي لڇيو آڪاس،
ڪيتر آس نراس، سانڊيون ائين ساهہ ۾؟
*

آڇيم جن ڪي امرتون، ڏنئون وهہ جا ڍڪ،
چاهہ ڏنا هن چهڪ، چريئي منهنجي چت کي.
*

هو جي وهہ آڇين، مرڪي هٿ ڍگهيڙيان
مونکي پل پيارين، جرڪي جوت جياريان.
*

قبر مٿان ڪو، لهندو منهنجي سار جي
ٽيندس ٿانيڪو، ساميءَ سندي سوڙهہ ۾.
*

جهڙي صورت سامهون، تهڙو پسيو عڪس،
ڪس لهڻي جس، کهڙي ليکي آرسي؟
*

دوستائي دوڏ ڪيو، اندر اڏو اڏ،
ڏيڍ عيوض وڍ، وڏا دل ۾ دوستي.
*

سرجي سرجي سور چڻ، ٻٽيو توهر ڪير،
قڪير چڻ پنير، دردن جا ڍِڳ هانءَ تي.
*

پورو ٻٽيس پاڻ، لويان وينو لوڪ کي،
ڪيڏو آهہ آڇاڻ، خوشبو گهريم کک کان.
*

پورهيت پاڳي پيرا، پر پورهيو وڏي پيڙ آ
ڪولي ڪنو مارنگين، تلها آسرا،
پارن ڪوڪرا، بک ولهوٽا پيٽ ۾.
*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويلهن جا ويلها، آڳ اجهاٽيل چلهه جي
اڄ به پورهيت جو گذر، پُسيون ۽ ڏيلها.
غربت کي تيلها، جام جمهوري دؤر ۾.
*

جذبا پوپٽ پر، آس انهن تي چٽڙا
غربت سندي جر، جرڪي سڀ جرائيا.
*

بک تي سارا بارڙا، ناري نهاري در،
موٽي پورهيت ور، ته چڙهي ڪُني مارنگين.
*

پُورت آڻيندي، پورهيت ڏنا جوء کي
چانور چاڙهيندي، ٻهڪي گهر ۾ زندگي.
*

ٻارڻ سوريندي، ڪُنو اونڌو تي پيو
امڙ ٻارن کي ڏنو، هاريل ميڙيندي،
خوش ٿيا کائيندي، ڪيريءَ هاٿو پيٽڙو.
*

پورهيت خلقي تو ڪيو، تورو خلقٹهار؟
ڪنهن جو رازق رب تون، ڪنهن جو پالڻهار؟
انگ اگهاڙي ريءَ اجهي، بک تي پورهيت ٻار،
ڇا تو آ سنسار، جوڙيو اونچ ۽ نيچ جو!؟
*

آٽي دؤر جمهور، ڪڏيو هئين تون ڪيترو؟
ڇا ڪنهن تنهنجي پيٽ مان، ڪڍيا بک انبور،
پورهيت آهه قصور، تنهنجي پنهنجي ووٽ جو.
*

سمجهي ڪيئي پَل، جمهوريت کي آجپو!
هيءَ ته آ بلبل، اقتداري باغ جي.
*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئون نياپو
مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

**درد هڪ پيار جو**
سنڌيڪار: سندري اُتم چنداڻي
قيمت: ١٠٠ رپيا

**سنڌ ارغون دؤر ۾**
اڪرام ساگر عباسي
قيمت: ٥٠ رپيا

**گيتانجلي**
رابندر ناٿ ٽئگور
سنڌيڪار: ڊاڪٽر گل
قيمت: ٥٠ رپيا

**هِن پار سان هُن پار تون**
ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، تقرير ۽
اُتم ڪهاڻي
ڪرشن کٽواڻي
قيمت: ٥٠ رپيا

**منهنجي زندگيءَ ۾ آيل:**
عورتون ۽ مرد
خشونت سنگهه
سنڌيڪار: رفيع ملاح
قيمت: ٧٠ رپيا

**ڏڪ سڪن جي سونهن**
اُتم ڪهاڻي: تي ياڳا
تاجل بيوس قيمت: ٩٠ رپيا

**چپ انجيل جي حاشين جهڙا**
تاجل بيوس قيمت: ٥٠ رپيا

**انڪويزي**
شاعريءَ جي مختصر تاريخ
تاجل بيوس قيمت: ٥٠ رپيا

**جهڄان پسي جهوڪ**
علامتي ڪهاڻيون: تاجل بيوس
قيمت: ٣٥ رپيا

**پکي ساڳي پار جا**
شاعري: شيخ اياز ۽ تاجل بيوس
قيمت: ٥٠ رپيا

**سج، چنڊ تارا کَتيون**
تاجل بيوس قيمت: ٥٠ رپيا

**سون سريکا چار سين**
تاجل بيوس قيمت: ٣٥ رپيا

**سجاڳ ذهن**
ڊاڪٽر عبدالڪلام قيمت: ٥٠ رپيا

**سمنڊ اڪيلو آهي**
امر اقبال قيمت: ١٠٠ رپيا

**JOURNEY OF EMOTIONS**
Love Poems: Kausar Saba
– RS: 100/=

**شاهه لطيف**
هڪ مطالعو
ادا قاضي قيمت: ٣٠ رپيا

**ايا آس باقي!**
آغا سعيد احمد قيمت: ٩٠ رپيا

**روپوش محبت**
چندر ڪيسواڻي قيمت: ٦٠ رپيا

**تون**
ماهين هيسباڻي قيمت: ١٢٠ رپيا

**تڙ تڙ تي طوفان**
عزيز ڪنگراڻي قيمت: ٧٠ رپيا

**ڪهواڻ لاءِ لکو:**
پي او باڪس نمبر: ٢٢ ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون نياپو

جلد ايندڙ ڪتاب

## هڪ رتل شهر جي ڪهاڻي (ڪراچيءِ جي ڪهاڻي)

گل حسن ڪلمتي قيمت: ٢٠٠ رپيا

## سنڌ جي تاريخ جو ڪيڏارو

تاجل بيوس قيمت: ١٥٠

## ردي پنا

ڪهاڻيون

مانڪ ڪنگراڻي

قيمت: ٥٠

## عجب اڪٽريون

ڪهاڻيون: قرة العين حيدر سنڌيڪار: مدد علي سنڌي

قيمت: ٦٠ رپيا

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جو شعري مجموعو

## ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book